

رسالو نمبر: 123

# مڇي جا عجائبات

شيخِ طريقت، امير اھلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

# مڇي جا عجائبات

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مڇي جا عجائبات

## (دلچسپ سوال جواب)

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مسئلن سان گڏو گڏ دلچسپ معلومات حاصل ٿيندي.

## درود شريف جي فضيلت

نبي مڪرم، نور مُجَسَّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جنهن اهو چيو "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ[1]" انهيءَ لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (معجم ڪبير ج 5، ص 25، حديث 4480)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## چند عجيب مڇيون

**سوال:** سمنڊ مختلف عجائبات سان ڀريو پيو آهي ۽ مڇين ۾ پڻ قدرت جا مختلف ڪرشما موجود آهن، ڪن مڇين جا نالا ۽ معلومات بيان ڪريو؟

**جواب:** ڪن مڇين جو تذڪرو حاضر آهي:

### رَعَّادَه (برق مڇي)

رَعَّاده (برق مڇي) هونءَ تہ اها هڪ ننڍي مڇي آهي پر ان جي

---

(1) اي الله عَزَّوَجَلَّ! حضرت محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحمت نازل فرما ۽ انهن ڪي قيامت جي ڏينهن پنهنجي بارگاهہ ۾ مقرب مقام عطا فرما.

خاصيت اها آهي تہ جڏهن ڄار ۾ ڦاسندي آهي تہ جنهن جي هٿ ۾ ڄار هوندو آهي ان جو هٿ ڏڪڻ لڳندو آهي! تجربيڪار شڪاري جڏهن انهيءَ مڇي کي ڦاٿل ڏسندو آهي تہ ان جي رسي ڪنهن شيءِ ۾ ٻڌي ڇڏيندو آهي، جيستائين اها مرندي ناهي تيستائين اها رسي ناهي کوليندو ڇوتہ مرڻ کان پوءِ ان جي اها خاصيت ختم ٿي ويندي آهي. (حياة الحيوان للدميري ج 2 ص 40)

## ڪلمو لکيل مڇي

عبدالرحمٰن بن هارون مغربي بيان ڪيو آهي تہ مان هڪ ڀيري "بُحَيرَہ مغرب" ۾ ٻيڙي تي سوار ٿيس، اسان سان گڏ هڪ ڇوڪرو هو جنهن وٽ مڇي ڦاسائڻ جي لاءِ ڏور ۽ ڪنڊو هو، جڏهن اسان جي ٻيڙي برطون نالي جڳهہ تي پهتي تہ ان ڇوڪري ڏور درياهہ ۾ اڇلائي تہ هڪ مڇي ڦاسي پئي جيڪا گرانٽ جيتري هئي، جڏهن ان مڇي ٻاهر ڪڍي تہ اهو ڏسي اسان جو ايمان تازو ٿي ويو جو ان جي ساڄي ڪن جي پرسان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه ۽ مٿي وٽ مُحَمَّد ۽ ان جي کاٻي ڪن جي پرسان رَسُوْلُ اللّٰه لکيل هو. (ايضًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪافي دير تائين زنده رهڻ واريون مڇيون

ابوحامد اندلسي جي ڪتاب "تُحفةُ الالباب" ۾ لکيل آهي تہ بُحَيرَہ روم ۾ هڪ اهڙي مڇي هوندي آهي جيڪا هٿ جيڏي (يعني تقريباً اڌ گز ڊگهي) هوندي آهي ان کي پڪڙيو وڃي تہ اها مرندي ناهي بلڪ ڦٿڪندي رهندي آهي ۽ جيڪڏهن ان جو ڪو ٽڪر ڪٽي ٻاهر

تي رکيو وڃي ته اهو ٽڪر هڪدم ڦٽڪي ٻاهه مان ٻاهر اچي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ته ڇهري تي اچي لڳندو آهي، جڏهن ان مڇي کي پچائڻ چاهيو ته ان مڇي واري ديڳڙي جي ڍڪ تي لوهه يا وزني پٿر رکي ڇڏيو ته جيئن ان جا ٽڪر اڏامي ديڳڙي کان ٻاهر نه ڪرن، جيستائين اها مڪمل طور پچندي ناهي ايستائين مرندي ناهي، چاهي ان جا هزار ٽڪر ڇو نه ڪيا وڃن. (حياة الحيوان للدميري ج 2 ص 41)

## زنده جزيرو!

منقول آهي: جڏهن سڪندر بادشاهه جي فوج هندستان کان بحري جهاز ۾ روانه ٿي ته شام جي وقت سمنڊ ۾ هڪ جزيرو (يعني خشڪي واري ايراضي جنهن جي چئني پاسن کان پاڻي هجي، ٻيٽ) نظر آيو، جهاز لنگر انداز ٿيو ۽ لشڪر انهيءَ ٻيٽ تي لٿو، ڪلا وغيره هڻڻ تائين سڪون هو پر جڏهن انهن ماني پچائڻ جي لاءِ مختلف جڳهن تي باهه ٻاري ته ان ٻيٽ ۾ هڪدم حرڪت پيدا ٿي ۽ اهو مڪمل طور پاڻي ۾ هليو ويو، جنهن سبب ڪيئي سپاهي ٻڏي ويا! اهو ٻيٽ دراصل زمين جو ڪو ٽڪر نه هو، بلڪ هندستان جي سمنڊ ۾ ٿيندڙ ديوهيڪل مڇي رار ڪال هئي! **الله**عَزَّوَجَلَّ جي قدرت! جو اها مڇي ايتري ته ڏگهي ٿيندي آهي جو جڏهن سمنڊ جي سطح تي ايندي آهي ته ننڍو ٻيٽ محسوس ٿيندي آهي! اهو به معلوم ٿيو ته رار ڪال مڇي جو جسم نهايت سخت هوندو آهي ڇو ته جڏهن ان جي کل ۾ ڪلا هنيا ويا تڏهن به ان تي ڪو اثر نه ٿيو پر جڏهن باهه ٻاري وئي ته ان کي گهڻي تپش محسوس ٿي ۽ ٽڪار حاصل ڪرڻ

لاءِ ان پاڻي ۾ ٽپي هنئي ۽ ان زندهہ جزيري تي موجود ماڻهو پاڻي ۾ ٻڏي ويا. (عجائب الحيوانات ص 229)

## زامور

زامور هڪ ننڍڙي مڇي آهي، هن مڇي کي انسان جو آواز ڏاڍو وڻندو آهي ان ڪري اها ٻيڙي کي ايندي ڏسي ان سان گڏ هلڻ لڳندي آهي تہ جيئن انسانن جو آواز ٻڌندي رهي، جڏهن اها ڪنهن وڏي مڇي کي ٻيڙي تي حملو ڪرڻ لاءِ ايندي ڏسندي آهي تہ هڪدم ٽپو ڏئي ان جي ڪن ۾ گهڙي ويندي آهي ۽ لاڳيتو ٽپا ڏيندي رهندي آهي، ايستائين جو وڏي مڇي تڪليف جي شدت جي ڪري ٻيڙي کي ڇڏي ڪناري ڏانهن ويندي آهي تہ جيئن ڪنهن پٿر تي پنهنجو مٿو هڻي، جڏهن ان کي ڪو پٿر نظر ايندو آهي تہ ان تي زور زور سان پنهنجو مٿو هڻندي رهندي آهي ايستائين جو مري ويندي آهي. زامور جي انهيءَ خوبي جي ڪري مهاڻا ان کي ڏاڍو پسند ڪندا آهن ۽ ان کي کارائيندا آهن ۽ جيڪڏهن ڄار ۾ ڪڏهن زامور ڦاسي پوندي آهي تہ ان کي ڇڏي ڏيندا آهن. (حياة الحيوان ج 2 ص 6)

## ويل مڇي

اڄ بہ زنده رهڻ وارن جانورن ۾ ويل مڇي سڀ کان وڏو جانور آهي ۽ ويل مڇين جو هڪ قسم جنهن کي ”بليو ويل“ چيو ويندو آهي اها سائز ۽ وزن جي لحاظ کان ويل مڇين ۾ سڀني کان وڏي هوندي آهي، هڪ بليو ويل اهڙي بہ پڪڙي وئي هئي جيڪا 108 فٽ ڊگهي ۽ 131 ٽن (يعني 3668 مڻ) کان وڌيڪ وزني هئي! بليو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلیٰ)

ويل برفاني سمندن ۾ رهندي آهي. ترڻ وقت ان جي وڌ مان وڌ رفتار 22.68 ميل في ڪلاڪ هوندي آهي ۽ ان وقت رفتار جي ڪري هن جي طاقت 520 گهوڙن جي طاقت جي برابر هوندي آهي. بليو ويل جو ٻچو پيدائش جي وقت 25 فٽ ڊگهو ۽ 7 ٽن (يعني 196 مڻ) کان وڏيڪ وزني هوندو آهي 1932ع ۾ 89 فٽ ڊگهي ۽ 119 ٽن (يعني 3332 مڻ) وزني هڪ بليو ويل مڇي پڪڙي وئي هئي ان مڇي جي زبان جو وزن ٽي ٽن (يعني 84 مڻ) هو. (هڪ ٽن ۾ 28 مڻ ۽ هڪ مڻ ۾ 40 سير هوندا آهن) (عجائب الحيوانات ص 230 ملخصاً)

## مناره

اها ساموندي مڇي آهي جيڪا پاڻي ۾ مناري جيان سڌي بيهي رهندي آهي پوءِ پنهنجو پاڻ کي ٻيڙين تي ڪرائي انهن کي ٻوڙي ڇڏيندي آهي. جڏهن ملاح ان جو آواز محسوس ڪندا آهن ته نرسنگو ۽ سلفچي وغيره وڄائيندا آهن ته جيئن خوفزده ٿي پڇي وڃي، مناره مڇي ٻيڙي وارن جي لاءِ هڪ وڏي آفت هوندي آهي.
(حياة الحيوان ج 2 ص 447)

## قُوقِي

اها هڪ عجيب وغريب مڇي آهي، ان جي مٿي تي هڪ وڏو ڪنڊو هوندو آهي جڏهن ان کي بک لڳندي آهي ته جنهن (وڏي کان وڏي) جانور کي شڪار ڪرڻ چاهيندي آهي ان تي وڃي ڪرندي آهي ۽ اهو جانور آيل روزي سمجهي ڳهي ويندو آهي ۽ اها اندر پهچي پنهنجي ڪنڊي سان ان جو پيٽ چيري ٻاهر نڪري ايندي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

آهي! ۽ ائين پنهنجو شڪار ڪرڻ واري کي پاڻ شڪار ڪندي آهي ۽ پوءِ ان کي مزي سان کائيندي آهي، هن جو ٻچيل شڪار ٻيا دريائي جانور ﺑﻪ کائيندا آهن، جڏهن مهاڻا قوقي مڇي جو شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ﺗﻪ اها پنهنجي ڪنڊي سان حملو ڪري ٻيڙي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي ۽ مهاڻن کي ڳهي ويندي آهي! قوقي جو شڪار ڪرڻ وارا ان مڇي جي کل پنهنجي ٻيڙي تي چاڙهي ڇڏيندا آهن ڇوته پنهنجي کل تي ان جو ڪنڊو اثر ناهي ڪندو!
(ايضاً ص 363)

## قاطوس

قاطوس هڪ وڏي مڇي آهي جيڪا وڏين وڏين ٻيڙين کي تباهه و برباد ڪري ڇڏيندي آهي. قاطوس مڇي جي هڪ عجيب ڳالهه اها آهي ﺗﻪ جيڪڏهن ڪنهن ٻيڙي ۾ حيض واري عورت سوار هجي ﺗﻪ ان جي ويجهو ﺑﻪ ناهي ويندي! ملاح (يعني ٻيڙي هلائڻ وارا) قاطوس مڇي بابت ڄاڻ رکندا آهن جيڪڏهن ڪنهن جي سامهون اچي ويندي آهي ﺗﻪ ان جي سامهون حيض آلود ڪپڙا اڇلائيندا آهن جنهن سان اها ڀڄي ويندي آهي. (عجائب الحيوانات ص 220)

## ڊولفن (ٻلهڻ)

ڊولفن (دُلفِين) هڪ تمام پياري مڇي آهي، ٻيڙي وارا هن کي ڏسي بيحد خوش ٿيندا آهن، ڊولفن مڇي جيڪڏهن ڪنهن انسان کي ٻڏندي ڏسندي آهي ﺗﻪ هڪدم ان جي مدد لاءِ پهچي ويندي آهي ۽ ان کي ڌڪيندي ڪناري ڏانهن ڪٽي ويندي آهي، ڪڏهن ﺗﻪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ٻڌندڙ ماڻهو جي هيٺان اچي ان کي پنهنجي پٺي تي سوار ڪندي آهي ۽ ڪڏهن پنهنجي پڇ سان ان کي ڪناري ڏانهن ڪٽي ويندي آهي. (ايضاً ص 221) ڊولفن مصر جي نيل درياهه ۾ به هوندي آهي.

## پرن واري مڇي

سمنڊ ۾ هڪ تمام وڏي مڇي اهڙي به آهي جيڪا ڪڏهن اتفاقي طور گهٽ اونهائي واري پاڻي ۾ اچي وڃي ۽ اتان پاڻي سڪي وڃي ته اها گپ ۾ تڙپڻ لڳندي آهي ۽ لاڳيتو ست ڪلاڪن تائين تڙپندي رهندي آهي، انهيءَ بيقراري ۾ ان جي ڪل ڦاٽي پوندي آهي ۽ ان جي هيٺان به پر نڪري ايندا آهن جن سان اُڏامي اها وري سمنڊ ۾ هلي ويندي آهي. (ايضا ص 222)

## مِنُشار

”بُحَيۡرَه اَسۡوَد“ ۾ جبل جيان هڪ وڏي مڇي هوندي آهي جنهن جو نالو مِنشار آهي ان جي پٺي تي مٿي کان پڇ تائين آبنُوس[1] جيان ڪارا ڪارا ۽ آري جي ڏندن جهڙا وڏا وڏا ڪنڊا هوندا آهن، ان جو هڪ ڏندو به هٿ يعني تقريباً هڪ ميٽر جي برابر هوندو آهي، مٿي جي ساڄي کاٻي پاسي تقريباً پنج پنج ميٽر ڊگها به ڪنڊا هوندا آهن، پنهنجي ٻنهي ڪنڌن سان سمنڊ جو پاڻي چيرندي ويندي آهي جنهن سان خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. پنهنجي وات ۽ نڪ مان پاڻي جي پچڪاري ڪيندي آهي جيڪا آسمان ڏانهن ڦوهاري جيان نظر ايندي آهي، پوءِ ان جا قطرا ٻيڙي وغيره تي برسات جي قطرن

(1) آبنوس ڏکڻ اوڀر ايشا ۾ هڪ وڻ جو نالو آهي جنهن جو ڪاٺ سخت، وزني ۽ ڪارو ٿيندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

جيان ڪرندا آهن اها مڇي جيڪڏهن ڪنهن ٻيڙي جي هيٺ اچي وڃي تہ ان کي تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي. جڏهن ٻيڙي وارا ان کي ڏسندا آهي تہ خوفزده ٿي ويندا آهن ۽ ان کان حفاظت جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائي دعا گهرندا آهن. (حياة الحيوان ج 2 ص 448)

## ڪَوسج

ڪوسج مڇي جنهن کي ”ساموندي شينهن“ چوندا آهن، ان جي سونڍ آري جيان هوندي آهي جڏهن انسان کي ڏسندي آهي تہ ٻہ ٽڪر ڪري چٻاڙي ڇڏيندي آهي، پاڻي ۾ ٻين جانورن کي ٻہ پنهنجي سونڍ سان اهڙي طرح ڪٽي ڇڏيندي آهي جيئن تلوار ڪنهن شيءِ کي ڪٽيندي آهي، ڪوسج جا ڏند انسان جي ڏندن جيان ٿيندا آهن، ساموندي مخلوق ان کان خوفزده ٿي پري ڀڄي ويندي آهي، ڪوسج جي عجيب ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن رات جي وقت ان جو شڪار ڪجي تہ ان جي پيٽ مان خوشبودار چربي نڪرندي آهي، جيڪڏهن ڏينهن جو شڪار ڪجي تہ ناهي نڪرندي! بصره شريف جي درياءِ دجلہ ۾ خاص موسم ۾ ان جي گهڻائي هوندي آهي. (ايضاً ص 425 ملخصًا)

## غافل مڇي ئي جار ۾ ڦاسندي آهي

**سوال:** ڇا مڇين جي جار ۾ ڦاسڻ جو بہ ڪو سبب آهي؟

**جواب:** ڪن روايتن مان خبر پوي ٿي تہ اها ئي مڇي ڪنڊي يا جار ۾ ڦاسندي آهي جيڪا ذِڪرُالله کان غافل هوندي آهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 9 صفحي 760 تي فرمائن ٿا تہ ابوالشيخ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

روايت ڪئي: مَا اُخِذَ طَائِرٌ وَّلَا حُوْتٌ اِلَّا بِتَضْيِيْعِ التَّسْبِيْحِ يعني ڪو پکي يا ڪا مڇي تسبيح الٰهي ڇڏڻ جي ڪري ئي پڪڙي ويندي آهي. (تفسير درمنثور ج 4 ص 184) ملفوظاتِ اعليٰ حضرت صفحي 531 تي آهي ته اهلِ ڪشف فرمائن ٿا: سيئي جانور تسبيح (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪائي بيان) ڪندا آهن. انهن ڪي موت انهيءَ وقت ايندو آهي جڏهن تسبيح ڇڏي ڏيندا آهن، هر پن تسبيح ڪندو آهي، جنهن وقت تسبيح ڪان غافل ٿيندو آهي انهيءَ وقت وڻ ڪان جدا ٿي ڪري پوندو آهي.

## مدني مُنِيءَ ۽ غافل مڇيون

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظ ڪريو: يمن ۾ هڪ شخص درياهه ۾ مڇيون ماري رهيو هو، سندن نياڻي به ساڻس گڏ هئي، جڏهن به ڪا مڇي پڪڙيندو هو ته ان کي ٽوڪري ۾ وجهي ڇڏيندو هو، ڇوڪريءَ مڇي ڪڍي ٻيهر پاڻي ۾ ڇڏي ڏيندي هئي، جڏهن اهو شخص شڪار مان فارغ ٿيو ته ڏٺائين ٽوڪري ۾ هڪ به مڇي نه آهي! ان پنهنجي نياڻي ڪان پڇيو مڇيون ڪيڏانهن ويون؟ ان جواب ڏنو: بابا سائين! اوهان ئي ٻڌايو هو ته حديث ۾ آهي: جار ۾ اها ئي مڇي ڦاسندي آهي جيڪا اللهعَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر ڪان غافل ٿي ويندي آهي، ان ڪري مون ڪي نه وڻيو جو اسان اها مڇي کائون جيڪا اللهعَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر ڪان غافل ٿي آهي، پنهنجي ڌيءَ جي اها حڪمت ڀري ڳالهه ٻڌي ان شخص تي رقّت طاري ٿي وئي ۽ اهو روئڻ لڳو ۽ مڇي مارڻ وارو ڪُنڊو اڇلائي ڇڏيائين. (صفوة الصفوة ج 4 ص 357 ملخصًا) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اُذْكُرُوا الله اَللّٰه اَللّٰه اَللّٰه اَللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غافل مڇيون کائڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا پوءِ ”غافل مڇيون“ نہ کائڻ گهرجن؟

**جواب:** ائين ناهي، مڇي کائڻ حلال آهي.

## کهڙا آبي جانور حلال آهن؟

**سوال:** پاڻي جو کهڙو جانور حلال آهي؟

**جواب:** مڇيءَ کانسواءِ درياهہ جو هر جانور حرام آهي، جيئن فُقهاءِ اَحْناف رَحِمَهُمُ اللہُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: پاڻي جو هر جانور کائڻ حرام آهي، سواءِ مڇي جي، جو اها کائڻ حلال آهي. (عالمگيري ج 5 ص 289) امام بُرهانُ الدين مَرْغِيناني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورَانِي فرمائن ٿا: مڇي کانسواء پاڻي جو ڪو بہ جانور نہ کاڌو وڃي، ها باقي تمام نندي مڇي، نانگ جهڙي مڇي ۽ مڇي جا ٻيا قسم پڻ کائي سگهو ٿا. (هداية ج 4 ص 353)

## مڇي جي وصف

**سوال:** مڇي جي وصف بيان ڪريو؟

**جواب:** دعوت اسلامي جي دارُالاِفتا جي هڪ مفتي صاحب جي معلوماتي تحقيق ڪن لفظن جي تبديلي سان پيش آهي: فِقہ يا لُغت جي ڪتابن ۾ مڇي جي ڪا حتمي (Final) وصف نظرن مان ناهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

گذري، ان جي باري ۾ قديم ۽ جديد ماهرن جيڪو بيان ڪيو آهي ان جو خلاصو اهو آهي ته مڇي ٿڌي رت واري آبي جانورن مان آهي، ان جو شمار انهن حيوانن ۾ ٿئي ٿو جيڪي (Vertebrate) ڪرنگهي وارا جانور آهن پر انهن مان ڪئي مڇيون اهڙيون آهن جن ۾ ڪرنگهي واري هڏي ناهي هوندي، ساھ ڪڍڻ جي لاءِ اڪثر مڇيون ڪليون استعمال ڪنديون آهن. ڪي مڇيون آنا لاهينديون آهن پر ڪي ٻچا به ڏينديون آهن، ڪئي مڇيون پاڻي ۾ اهڙيون به آهن جيڪي ٿورو اڏامنديون به آهن.

## مڇي کان سواءِ هر آبي جانور حرام آهي

فِقہ حنفي جي مشهور ڪتاب "**بدائع الصنائع**" ۾ آهي: مڇي کان علاوه پاڻي جا سيئي جانور حرام آهن، مڇي حلال آهي، سواءِ ان مڇي جي جيڪي ازخود مري ڪري پاڻي جي سطح تي اونڌي ٿي وئي هجي، اسان جي اصحاب جو اهوئي قول آهي. مڇي جا سيئي قسم حلال هجڻ ۾ برابر آهن چاهي اها جِرّيث هجي يا مار ماهي هجي (جيڪا نانگ جهڙي هوندي آهي ان کي بام مڇي پڻ چيو ويندو آهي) يا ان کانسواءِ ڪا ٻي قسم، ڇوته اسان هن مڇي جي حلال هجڻ بابت جيڪي دليل بيان ڪيا آهن ان ۾ اهڙو ڪو تفصيل ناهي ته اِها مڇي حلال آهي يا اُها مڇي، سواءِ ان جي جنهن جو دليل جي ذريعي تخصيص ڪئي وئي (يعني مخصوص ڪيو ويو) هجي ۽ حضرت سيدنا علي المرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ۽ ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان جِرّيث ۽ نر مڇي جي اِباحت (يعني جائز هجڻ) مروي آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جڏهن تہ ڪنهن ٻئي کان ان بابت اختلاف نقل ناهي ڪيو ويو تہ ان تي اِجماع ٿي ويو. (بدائع الصنائع ج 4 ص 146 ملخصا)

## مڇي جا هزارين قسم آهن

"**بدائع الصنائع**" جي عبارت مان واضح ٿيو تہ مڇي جا سيئي قسم حلال آهن، باقي ايترو ضرور آهي تہ مڇي جا هزارين قسم آهن ڪي قسم اهڙا آهن جن بابت عالمن کي صراحت ڪرڻي پئي تہ اهو جانور مڇي آهي، ان کي مڇي نہ چوڻ درست ناهي. ڪئي جانور اهڙا آهن جنهن جي مڇي هجڻ يا نہ هجڻ جي باري ۾ لغت وارن کي اختلاف رهيو آهي جيئن جهينگو، ان جي مڇي هئڻ يا نہ هئڻ جي باري ۾ اختلاف آهي پر درست اهو آهي تہ اهو مڇي آهي، ان جي باري ۾ حتمي قاعدو اهو آهي تہ لغت ۽ اهل عرب جي عرف جو اعتبار معتبر ٿيندو تہ عربي ۾ جنهن کي سمڪ (يعني مڇي) چوندا آهن حديث ۾ ان کي حلال چيو ويو آهي ان لفظ جي درست مَحَمَل جو تَعَيُّن عرب لساني ماهرن جو عُرف ئي ڪري سگهي ٿو، البت جنهن شيء جي باري ۾ متعيّن (يعني طئي) ٿي وڃي تہ اها مڇي آهي چاهي ان جي لاءِ سمڪ کان علاوه ٻيو ڪو لفظ جيئن حُوت ۽ نُوْن وغيره استعمال ڪيو ويو هجي.

## سامونڊي عجائبات لاتعداد آهن

مڇي جا ڪيئي قسم اهڙا آهن، جن جي باري ۾ شروع کان ئي ماڻهو ٻڌتر جو شڪار رهيا تہ اها مڇي آهي يا نہ! ڪي قسم تہ عقلن کي حيران ڪرڻ وارا آهن، سمنڊ جي باري ۾ جيئن تہ چيو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

ويندو آهي: ”اَلْبَحْرُ لَا تُحْصٰى عَجَائِبُهٗ“ يعني سامونڊي عجائبات ڳڻپ کان ٻاهر آهن. اهو ئي سبب آهي جو نت نئين مخلوق جي دريافت سان گڏوگڏ مڇين جا بہ عجيب کان عجيب تر قسم ظاهر ٿين پيا، ان ڪري ڪن مڇين جي باري ۾ اها ڳالھ هر دور جي عالمن ۾ زيربحث رهي تہ اها مڇي آهي يا نہ؟

## ٻن مڇين جي باري ۾ اعلٰي حضرت جي عمده تحقيق

فتاويٰ رضويہ جلد 20 صفحي 323 کان 336 تي ان طرح جي ٻن مڇين تي عمده تحقيق ڪئي وئي آهي، هڪ مڇي جنهن جو نالو جِرِّيث ۽ ٻي جنهن جو نالو عربي ۾ جِرّي فارسي ۾ مارماهي ۽ اُردو ۾ بام مڇي آهي اهي ٻئي مڇيون شڪل ۾ اهڙيون آهن جو ان جي مڇي هجڻ يا نہ هجڻ بابت نہ صرف عوام ٻڌتر جو شڪار رهي آهي بلڪ ڪن علماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جا اهڙا قول ڪتابن ۾ نقل ٿيا آهن جن جي مطابق مڇي نہ تسليم ڪرڻ سبب انهن جو کائڻ جائز نہ آهي، پر اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدِّد دين و ملت مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي جيڪا تحقيق ان جڳھ تي نقل ڪئي آهي ان ۾ اهو ثابت ڪيو آهي تہ اهي ٻئي مڇيون آهن ۽ حلال آهن. امام اهلسنت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهو بہ بيان ڪيو آهي تہ اهل لغت انهن ٻنهي مڇين کي هڪ ئي سمجهن ٿا، پر فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي نزديڪ اهي ٻئي الڳ الڳ مڇيون آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جِرِّيث مڇي جي باري ۾ فرمائن ٿا: جِرِّيث مڇي گهٽائي ۾ ٿيندي آهي جيڪا سمنڊ جي ڪناري تي ڪثرت سان وڪامندي آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# حکايت

حضرت سيدنا امام محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه "مَبْسُوط" ۾ روايت ڪن ٿا: يعني عَمره بنت اَبِي طُبَيخ چيو: مان پنهنجي ٻانهيءَ سان گڏ وڃي هڪ جِرِّيث مڇي هڪ قَفِيز ڪڻڪ جي (يعني تقريباً 46 ڪلو گرام ڪڻڪ جي) بدلي خريد ڪري آندي جيڪا زنبيل (يعني ٽوڪري) ۾ نه پئي آئي هڪ پاسي ڪان مٿو ٻاهر ته ٻي پاسي ڪان پڇ، ايتري ۾ سيدنا مولا علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو گذر ٿيو، فرمايائون: ڪيتري ۾ خريد ڪئي؟ مون قيمت عرض ڪئي. فرمايائون: ڪهڙي نه پاڪيزه شيءِ آهي ۽ ڪيتري نه سستي ۽ گهروارن لاءِ پورائي واري آهي.

# جِرّيث جي باري ۾ مختلف قول

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: "حياة الحيوان" ۾ آهي: جِرِّيْث اها مڇي آهي جيڪا نانگ جيان آهي ان جو جمع جراثي آهي، ان کي جِرّي پڻ چيو ويندو آهي فارسي ۾ ان کي مار ماهي چيو ويندو آهي، ۽ همزه جي باري ۾ بحث ۾ گذريو اهو اَنڪَلِيس آهي. جاحِظ چيو: اهو پاڻي جو نانگ آهي ان جو اهو حڪم آهي ته هي حلال آهي پر فقهاء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جنهن کي جِرِّيْث چون ٿا اها يقيناً مار ماهي يعني بام مڇي کان علاوه ٻي مڇي آهي ڇوته مُتُون و شُرُوح و فتاويٰ ۾ تصريحًا (يعني واضح طور) ٻنهي جو نالو الڳ الڳ ذڪر ڪيو آهي. بيشڪ "مغرب" ۾ لکيل آهي: هُوَ غَيْرُ الْمَارمَاهِى[1] يعني اها مار ماهي کان علاوه ٻي مڇي آهي. علّامہ ابن ڪمال پاشا

(1) المغرب للمطرزي ج 1 ص 138

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

”اصلاح وَاِيضاح“ ۾ لکن ٿا: جِرِّيْث مڇي جو هڪ قسم آهي جيڪو مار ماهي يعني بام مڇي کان علاوه آهي. اهو مغرب (نالي ڪتاب) ۾ مذڪور آهي انهن ٻنهي کي الڳ ان ڪري ذڪر ڪيو ته ان جي مڇي هجڻ جي باري ۾ پوشيدگي آهي. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 330، 334)

## نر ۽ مادي مڇي ۾ ڪي واضح فرق

**سوال:** ان جواب ۾ ”نر مڇي“ جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، مهرباني ڪري نر ۽ مادي مڇي جي سڃاڻپ جي ڪجھ وضاحت ڪيو؟

**جواب:** نر ۽ مادي مڇي جا ٽي واضح فرق ملاحظ ڪيو: ﴿1﴾ عام حالتن ۾ نر مڇي جو جسم ڊگهو ۽ وڏو ٿيندو آهي جڏهن ته مادي مڇي جو جسم ڪجھ گول ۽ نر مڇي کان ڪجھ ننڍو ٿيندو آهي، البت نسل وڌائڻ وارن ڏينهن ۾ مادي مڇي جو پيٽ نر مڇي کان وڏو ٿي ويندو آهي ﴿2﴾ نر مڇي جو رنگ واضح ۽ صاف هوندو آهي جيڪو اڪثر نيرو (Blue) ۽ نارنگي (Orange) هوندو آهي جڏهن ته مادي مڇي جي رنگت ٿوري ڀوري (Brown) هوندي آهي ﴿3﴾ نر مڇي جي پيٽ جي هيٺان هڪ پر (Fin) هوندو آهي جيڪو مادي مڇي جي مقابلي ۾ وڏو هوندو آهي ان پر جي هيٺان نر يا مادي هجڻ جي نشاني هوندي آهي.

## بنا کلين واري مڇي کائڻ ڪيئن؟

**سوال:** بنا کلين واري مڇي حلال آهي يا حرام؟

**جواب:** حلال آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## مڇي جو ڪهڙو قسم حرام آهي؟

**سوال:** ڇا مڇي جو ڪو قسم حرام پڻ آهي؟

**جواب:** نہ اهڙو ڪو بہ قسم ناهي، صرف اها مڇي حرام آهي جيڪا درياهہ ۾ پاڻهي مري اونڌي ٿي ترڻ لڳي، ها جيڪڏهن ڪنهن ڪيميڪل يا هٿيار وغيره جي لڳڻ سبب پاڻي ۾ اونڌي ٿي مري وئي تڏهن بہ حلال آهي، جيئن تہ صدرُالشَّريعہ بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: جيڪا مڇي پاڻي ۾ مري تري يعني جيڪا بنا مارڻ جي پنهنجو پاڻ مري پاڻي جي سطح تي اونڌي ٿي وئي اها حرام آهي، ها مڇي کي ماريو ويو ۽ اها مري اونڌي ٿي ترڻ لڳي اها حرام ناهي.

(بهار شريعت ج 3 ص 324)

## مڇي جي حلال هجڻ جون ٻيون صورتون

**بهارِ شريعت** ۾ آهي: پاڻي جي گرمي يا سردي جي ڪري مڇي مري وئي يا مڇي کي ڏور ۾ ٻڌي پاڻي ۾ وڌو ۽ مري وئي يا ڄار ۾ ڦاسي مري وئي يا پاڻي ۾ ڪا اهڙي شيء وڌي جنهن سبب مڇيون مري ويون ۽ اهو معلوم آهي تہ ان شيء جي وجهڻ سان مري ويون يا دلي ۾ يا کڏ ۾ مڇي وجهي ڇڏي ۽ ان ۾ پاڻي ٿورو هو ان ڪري يا جڳهہ جي تنگي جي ڪري مري وئي انهيءَ سيني صورتن ۾ اها مڇي حلال آهي. (ايضاً درمختار وردالمحتار ج 9 ص 512) **مطلب** تہ صرف اها مڇي حرام آهي جيڪا بنا ڪنهن ظاهري سبب جي پاڻي ۾ طبعي موت مري اونڌي ٿي ترڻ لڳي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

## پڪي جي ڇهنب مان مڇي ڪِري-------

**سوال:** پکي مڇي پڪڙي اُڏاميو مڇي ان کان ڪري پئي جڏهن ڏٺو ويو تہ اها مري ويل هئي ڪاڌي وڃي يا نہ؟

**جواب:** کاڌي ويندي ڇوتہ موت جو سبب پکي ٿيو، بنا طبعي موت جي نہ مئي هئي.

## مڇي جي پيٽان جيڪڏهن مڇي نڪتي تہ؟

**سوال:** وڏي مڇي خريد ڪري جڏهن ڪٽي تہ ان جي پيٽ مان ننڍي مڇي نڪتي، ڇا پيٽ مان نڪتل مڇي کائي سگهجي ٿي؟

**جواب:** پيٽ مان نڪتل مڇي ۾ جيڪڏهن معمول جي مطابق سختي موجود آهي (يعني فريش) آهي تہ ان کي کائي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن ان ۾ تبديلي اچي چڪي آهي يعني نرم ٿي سخت بدبودار ٿي وئي آهي تہ نٿا ڪائي سگهو. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا تہ "محيط برهاني" ۾ آهي: مڇي جو شڪار ڪيو ۽ ان جي پيٽ مان ٻي مڇي نڪتي تہ ان کي کاڌو وڃي ڇوتہ پهرين مڇي کي پڪڙڻ ۽ ٻي جڳهہ جي تنگي (يعني پيٽ جي اندر ساهہ ٻوساٽجڻ) جي ڪري مئي آهي ۽ اهو مسئلو دلالت ڪري ٿو جيڪڏهن طافي مڇي جي پيٽ ۾ ٻي (فريش) مڇي هجي تہ اها کاڌي ويندي ۽ جيڪڏهن اها بہ طافي هجي تہ نہ ڪاڌي ويندي. امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت آهي تہ مڇي جي باري ۾ جيڪا ڪتي جي پيٽ مان (التي سبب) نڪري ان جي کائڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ ان جي حالت تبديل نہ ٿي هجي ڇوتہ ان جو موت سبب جي ڪري ٿيو. (محيط برهاني ج 6 ص 449) (طافي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

ان مڇي کي چيو ويندو آهي جيڪا بنا ڪنهن ظاهري سبب جي ازخود مري درياهہ ۾ اونڌي ٿي ترڻ لڳي.)

## مڇي جا آنا

**سوال:** مڇي جا آنا کائي سگھجن ٿا يا نہ؟

**جواب:** کائي سگھجن ٿا، وڏي سائز جا آنا بہ هوندا آهن پر لکن هزارن جي تعداد ۾ خسخس جي داڻن وانگر سنها ڦڪي رنگ جا آنا جن تي قدرتي جھلي هوندي آهي اها ڪافي لذيذ هوندا آهن، ان کي آني پڻ چيو ويندو آهي. جڏهن بہ اوهان پنهنجي مڇي ڪٽايو تہ ان کي چئي ڇڏيو تہ جيڪڏهن آنا نڪرن، اسان کي ڏئي ڇڏجو، ڇوتہ اُجرت تي مڇي ڪٽڻ وارا مڇي جي آنن کي آلائش سان گڏ اڇلي ڇڏيندا آهن پوءِ ڪدي وڪڻندا آهن، انهن کي بہ گھرجي تہ ائين نہ ڪن جنهن جي مڇي آهي ان کي ڏئي ڇڏين.

## پاڻي ۾ ڪيميڪل جي ذريعي مڇيون مارڻ ڪيئن؟

**سوال:** نهر ۽ تلاءَ ۾ ڪيميڪل وجھي يا ڪرنٽ جي ذريعي مڇيون مارڻ ڪيئن؟

**جواب:** ڪيميڪل وجھي يا ڪرنٽ جي ذريعي مارڻ شرعي اعتبار سان جائز ناهي، ڇوتہ ان ذريعي مڇين سان گڏوگڏ ٻيا غيرموذي آبي جانور پڻ بنا سبب جي مري ويندا آهن.

## ڪيميڪل جي ذريعي ماريل مڇيون کائڻ ڪيئن؟

**سوال:** بم يا ڪيميڪل جي ذريعي ماريل مڇيون کائڻ جي اجازت آهي يا نہ؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

**جواب:** جيڪڏهن ان ۾ زهريلو اثر وغيره نہ هجي تہ کائڻ بيشڪ جائز آهي.

## بم ڌماڪي سان مڇيون مارڻ ڪيئن؟

مڇي جي باري ۾ "فيصلہ فقهي بورڊ، دهلي" (16 جمادي الاوليٰ 1424ھ مطابق 17-07-2003) جو منظور ٿيل هڪ سوال ۽ ان جو جواب پڙهو ۽ معلومات ۾ اضافو ڪيو؟

**سوال:** مڇيون مارڻ لاءِ هڪ بم هنيو ويندو آهي جنهن سبب مڇيون پاڻي ۾ ئي مري ويندين آهن پوءِ اهي بازار ۾ آنديون وينديون آهن، اسان کي خبر ناهي تہ اهي مڇيون پاڻي ۾ مري ويون يا پاڻي جي ٻاهر! اهڙي صورت ۾ انهن مڇين جو کائڻ جائز آهي يا نہ؟

**جواب:** ﴿1﴾ بم ڌماڪي سان مري ويل مڇيون کائڻ جائز آهن ڇو تہ انهن جي موت جو ظاهري سبب معلوم آهي، حرام صرف اها مڇي هوندي آهي جنهن جي مرڻ جو ظاهري سبب نہ معلوم هجي، نہ ئي موت جي سبب تي ڪا نشاني موجود هجي يعني اهو متعين ٿي چڪو هجي تہ اها پنهنجي موت پاڻ مري اونڌي ٿي آهي، ها جيڪڏهن بم هڻڻ سان ڪا زهريلي يا مضر (يعني نقصانڪار) ڪيفيت پيدا ٿي تہ ان جي ڪري کائڻ منع آهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعلَم ﴿2﴾ بم ڌماڪن سان جيڪڏهن ٻيا غير موذي (يعني ايذاء نہ ڏيڻ وارا) جانور نہ مرن، نہ انهن کي ايذاء پهچي تہ شڪار جو اهو طريقو جائز آهي، ٻي صورت ۾ انهن (غير موذي جانورن) جي قتل ۽ ايذاء سان (يعني ان کي مارڻ يا تڪليف پهچائڻ سان) فائدو نہ هئڻ جي ڪري شڪار جو اهو طريقو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ناجائز آهي ڇو ته اهو غير موذي جانورن تي ظلم آهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعلَم

## ڄار ۾ غير موذي جانور ڦاسي پون ته؟

**سوال:** ڄار ۾ مڇي سان گڏوگڏ غير موذي جانور مثال طور ڪيڪڙا وغيره ڦاسي پون ته ڇا انهن کي مرڻ ڏنو وڃي؟

**جواب:** ان باري ۾ جامعه اشرفيه مبارڪپور شريف (هِند) جي دارُالاِفتا جي فتويٰ اها آهي: ڄار ذريعي مڇي جو شڪار ڪرڻ جائز آهي جيڪڏهن ڄار ۾ مڇي کان علاوه ٻيا غير موذي جانور ڦاسي پون ته انهن کي ڄار مان ڪڍي درياهه ۾ وجهي ڇڏيو ڇوته انهن کي بنا شرعي سبب جي مارڻ جائز ناهي. حديث ۾ آهي ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن جهرڪي يا ڪنهن جانور کي ناحق قتل ڪيو ان کان الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن سوال ڪندو، عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو حق ڇا آهي؟ فرمايائون: ان جو حق اهو آهي ته ذبح ڪري ۽ کائي، اهو ناهي ته منڍي ڀڃي، اڇلائي ڇڏي.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 567 حديث 6562، نسائي ص 770 حديث 4355)

## مڇي جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون يا نه؟

**سوال:** مڇي جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون يا نه؟

**جواب:** کائي سگهجن ٿيون. مڇي جون هڏيون عام طور تي سخت هونديون آهن جيڪي ڪاڏيون نه وينديون آهن، پر ڪِن جون هڏيون نرم ملائم هونديون آهن. مثال طور سمنڊ جي پاپليٽ ۽ سرمائي مڇي وغيره جون هڏيون نرم ۽ لذيذ ٿينديون آهن، انهن کي خوب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

چٻاڙڻ، چڱي طرح چوسي باقي بچيل چورو اڇلائي ڇڏيو. فتاويٰ رضويه ۾ آهي: حلال مذبوح جانور جي هڏي لاءِ ڪا منع ناهي، جڏهن ته ان جي کائڻ ۾ ڪو نقصان نه هجي، جيڪڏهن نقصان آهي ته ضرر جي ڪري منع آهي، نه ان ڪري جو هڏي خود ئي منع آهي.
(فتاويٰ رضويه ج 20 ص 340)

## مڇي جي کل کائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** مڇي جي کل کائي سگهجي ٿي يا نه؟

**جواب:** کائي سگهجي ٿي، عمومًا ماڻهو مڇي جي کل پهريان ڪان ئي يا پچڻ کان پوءِ ڪڍي اڇلي ڇڏيندا آهن، ائين نه ڪجي جيڪڏهن ڪا مجبوري نه هجي ته مڇي جي کل به کائڻ گهرجي، اها به الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهي ۽ ڪن مڇين جي ته کل ڏاڍي لذيذ هوندي آهي. ها جيڪڏهن مڇي جي کل سخت هجي ۽ چٻاڙي نه سگهجي ته اڇلائڻ ۾ حرج ناهي.

## مڇي پچائڻ جو طريقو

**سوال:** ڇا مڇي پچائڻ جو ڪو خاص طريقو آهي؟

**جواب:** مڇي پچائڻ جا ڪيترائي طريقا آهن: سڀ کان بهتر طريقو اهو آهي ته لوڻ مسالو وجهي ڪوئلن تي سيڪي وجي، اوون (Oven) ۾ به سيڪي سگهو ٿا، وڏيڪ پچائي يا تيز باهه تي تري کائڻ سان ان جي فائدن ۾ ڪمي اچي ويندي آهي. اسان (يعني سگِ مدينه عفي عنه) جي گهر ۾ مڇي پچائڻ جو طريقو اهو آهي ته پهريان ڪجهه ڪلاڪ مڇي پاڻي ۾ پسائي رکندا آهن، ائين ڪرڻ سان ان جي بوء ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ڪافي گهٽتائي اچي ويندي آهي. ٻوڙ ناهڻ لاءِ تيل کان سواءِ صرف چار شيون يعني لوڻ، مرچ، پيِنل ثوم ۽ پيِنل سڪل ڌاڻا استعمال ڪندا آهن، اهڙي طرح جيڪڏهن "فرائي پان" ۾ وجهي مسالو خشڪ ڪريو ته مڇي جي نهايت لذيذ ڊش ٺهجي ويندي، مسالو بنا خشڪ ڪرڻ جي به کائي سگهو ٿا ۽ ضرورت مطابق پاڻي وجهي شوربو به ٺاهي سگهجي ٿو، ان کان علاوه به اسان وٽ مڇي پچائڻ ۾ عام طور ٻي ڪا شيءِ مثال طور بصر، آلو، ڪارا مرچ وغيره ناهن وجهندا، باقي جيڪڏهن ٻملا نالي مڇي ايندي آهي ان ۾ ڏنو آهي ته مذڪوره مسالن کان علاوه ٽماٽا پڻ وجهندا آهن، جيڪڏهن مسالو يا شوربو وڌيڪ ڪرڻو هجي ته پيِنل ثوم ۽ سڪل ڌاڻا پيٺا ٽيٺا بلڪ ان کان به وڌيڪ وجهي سگهو ٿا، ڪڏهن تجربو ڪري ڏسو، ٿي سگهي شروع ۾ صحيح نه ٺهجي، جڏهن هٿ نهي ويندو ته شايد اوهان کي ان طريقي جو مڇي جو ٻوڙ ڏاڍو پسند ايندو.

## سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم مڇي کاڌي

**سوال:** ڇا سلطان مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مڇي کائڻ ثابت آهي؟

**جواب:** جي ها!

## قداور مڇي

حضرتِ سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان (ٽي سؤ ماڻهن) کي ڪفّارِ قريش جي مقابلي لاءِ موڪليو، حضرتِ سيّدُنا ابوعُبيده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اسان جو سپهه سالار مقرّر فرمايو ۽ اسان کي کارڪن جي هڪ ٻوري بطور

زادِ راهه عنايت فرمائي، ان کان علاوه ٻي ڪا شيء نه هئي جو اسان کي ڏين، حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ اسان کي (روزانو) هڪ هڪ کارڪ عطا فرمائيندا هئا. پُڇيو ويو: اوهان حضرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُم هڪ کارڪ سان ڪيئن گذارو ڪندا هئا؟ تڏهن فرمايائون: اسان ان کي ٻار جيان چوسيندا هئاسين ۽ پوءِ مٿان پاڻي پي ڇڏيندا هئاسين ته اها (کارڪ) ان ڏينهن رات تائين اسان جي لاءِ ڪافي ٿي ويندي هئي. اسان پنهنجي نيزن سان وڻن جا پن ڇاڻي، انهن کي پاڻيءَ ۾ پسائي ڪائيندا هئاسين. ان کان پوءِ اسان سمنڊ جي ڪناري پهتاسين ته اتي وڏي پٽ جيان مڇي نظر آئي جنهن کي عنبر (مڇي) چيو وڃي ٿو. حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: هي مُردار آهي. وري پاڻ ئي فرمايائون: نه نه! اسان رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا موڪليل آهيون ۽ اسين راهِ خدا ۾ (گهرن کان نڪتا) آهيون ۽ اوهان حضرات اِضطِراري (يعني مجبوري جي) حالت ۾ آهيون ان لاءِ (هن کي) کائي ونو. اسان هڪ مهينو ان تي گذارو ڪيو ۽ اسان ٽي سؤ (ماڻهو) هئاسين ايستائين جو اسين ڪافي صحتمند ٿي وياسين. مون کي ياد آهي ته اسان ان جي اک جي کوپي مان مٽ ڀري ڀري چربي ڪڍندا هئاسين ۽ اسان ان (مڇيءَ) مان ڏاند جيترا وڏا وڏا ٽڪرا ڪٽيندا هئاسين. (هن مڇي جي اک جو کوپو ايڏو ته وڏو هو جو) حضرتِ سيّدُنا ابو عُبيده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ اسان مان تيرهن ماڻهن کي ان جي اک جي کوپي ۾ ويهاري ڇڏيو (ته سڀ ويهي رهياسين). ان جي هڪ پاسراٽيءَ کي پڪڙي (ڪمان جيان) سڌو ڪري پوءِ هڪ وڏي اُٺ تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ڏولي رکي سون ته اهو ان (پاسراٽيءَ جي ڪمان) جي هيٺان گذري ويو، ۽ اسان ان جي خشڪ گوشت جا ٽڪر بطور زادِ راهه ساڻ رکي ڇڏيا. جڏهن اسان مدينه شريف زَادَھَا اللہُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِیۡمًا پهتاسين ته مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿياسين ۽ ان جو ذڪر ڪيوسين ته پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اهو رزق هيو جيڪو **الله** تعاليٰ توهان جي لاءِ پيدا فرمايو، ڇا توهان وٽ ان گوشت مان ڪجهه آهي؟ (جيڪڏهن هجي ته) اسان کي به کارايو. اسان حضور پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ان (مڇي) جو گوشت موڪليو ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تناوُل فرمايو. (صحيح مسلم ص 1070 حديث 1935) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ اِشڪال ۽ ان جواب

**سوال:** هن حديث پاڪ ۾ جيڪو بيان ٿيو ته حضرت سيدنا ابوعُبيده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ان کي مردار مڇي ڇيو پوءِ اِضطِراري حالت ڇئي ان کي کاڌو، ايستائين ته مسئلو واضح آهي ۽ ان جي گنجائش پڻ آهي، پر حديث ۾ اڳتي اهو به آهي ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن به ان مڇي مان ڪجهه کاڌو جڏهن ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ته اِضطراري حالت ۾ نه هئا، ان جو ڇا جواب آهي؟

**جواب:** جواب ۾ دارُالافتا اهلسنّت جي هڪ مفتي صاحب جي تحقيق ڪجهه لفظن جي تبديلي سان پيش آهي: مڇي اهڙو جانور آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جنهن جي ذبح جي ضرورت ناهي هوندي، حضرت سيدنا ابوعُبيده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ان جي حلال هجڻ جو علم نہ هو يا ٻيو اهو تہ ملڻ واري مڇي سمنڊ جي ڪناري تي ملي هئي ان جو باقاعده شڪار نہ ڪيو ويو هو ان ڪري ڪي وڏيڪ شڪ پيدا ٿيا ۽ انهن ان مڇي کي مردار قرار ڏنو پوءِ پنهنجي اِجتِهاد سان اضطراري حالت جي ڪري ان کي کائڻ جو حڪم ڏنو پر ان کي مڇي جو مردار گمان ڪرڻ (اجتهادي خطا هئي) ان ڪري سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِضطِراري حالت ۾ نہ هوندي بہ ان کي تناول فرمايو. شارحين حديث سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان مڇي کائڻ جي باري ۾ مختلف نُڪتا بيان ڪيا آهن مثال طور اهو غيبي رزق ۽ برڪت وارو گوشت هو ان ڪري محبوب ربّ، تاجدار عرب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي طلب ڪري تناول فرمايو وغيره ذٰلک. ان نڪتي سان گڏوگڏ ممڪن آهي تہ حضرت سيدنا ابوعبيده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي (اجتهادي خطا دور ڪرڻ جي) لاءِ غيب دان آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بطور خاص ان مڇي جو گوشت کاڌو تہ جيئن ٻين کي بہ ان جي حلال هجڻ جو علم ٿئي.

## اِضطراري حالت ڇا آهي؟

**سوال:** انهيءَ سوال جواب ۾ "اِضطِراري حالت" جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، مهرباني ڪري ان جي ڪجهہ وضاحت ڪريو؟

**جواب:** اضطراري حالت جو تفصيل "تفسير خزائن العرفان" صفحي 56 تي ملاحظه ڪيو: مُضطَر اهو آهي جيڪو حرام شيءِ کائڻ تي مجبور ٿيو ۽ ان کي نہ کائڻ جي ڪري مرڻ جو خوف هجي چاهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

شدت جي بک يا ناداري جي ڪري مرڻ جو امڪان هجي ۽ ڪا حلال شيءِ نہ ملي يا ڪو شخص حرام کائڻ تي مجبور ڪري ۽ ان ڪان هلاڪ ٿيڻ جو انديشو هجي اهڙي حالت ۾ جان بچائڻ جي لاءِ حرام شيءِ ايتري کائڻ جائز آهي جو هلاڪت جو خوف نہ رهي. (بلڪ ايترو کائڻ فرض آهي)

## اَمِينُ الْاُمّة

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي جذبي ۽ ولولي تان قربان! اهڙي تنگي ۽ مفلسي جو روزانو هڪ کارڪ ۽ وڻن جا پن کائي ڪري بہ راهِ خُدا ۾ دشمنن سان وڙهندا ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪندا هئا. اهو انهن جي قربانين جو صدقو آهي جو اڄ دنيا ۾ هر پاسي اسلام جو بهارون آهن، صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان راهِ خدا جي هر سفر ۾ وڌ مان وڌ حصو ورتو، چاهي دشمنن جي مقابلي ۾ جنگ جو معاملو هجي توڙي علم دين سکڻ سيکارڻ جو معاملو هجي، علم دين سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ اسان کي بہ راهِ خدا ۾ سفر جو ذهن بڻائڻ گهرجي ۽ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪري پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هاڻي جيڪا حڪايت اوهان ملاحظہ فرمائي هن مهم جو نالو "سيفُ البَحر" آهي. ٽي سؤ جانثارن جي فوج جا سپهہ سالار حضرتِ سيّدُنا ابو عبيده بن الجراح رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ "عشرهٔ مُبَشَّره" مان هئا، بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان انهن کي "اَمِيۡنُ الْاُمَّة" (يعني امت جا امانت دار) جو پيارو لقب عطا ٿيو هو.

اسلام جي ابتدا ۾ حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ مسلمان ٿيا هئا. نهايت ئي دلير، شير دل، قد اور هئا ۽ چهري مبارڪ تي گوشت گهٽ هيو. غزوهءِ اُحُد جي موقعي تي مديني جي تاجدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رخسار پُرانوار ۾ لوهي خود جون بہ ڪڙيون کُهڙي ويون هيون. انهن (يعني ابوعُبيده رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) پنهنجي (مبارڪ) ڏندن سان اهي ڇڪي ڪڍيون هيون، ان ڪري سندن جا بہ اڳيان ڏند شهيد ٿي ويا هئا. (الاصابه ج 3 ص 375، 476) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غزوه سِيفُ البحر جي موقعي تي قداور مڇي جو ملي وڃڻ، هڪ مهيني تائين صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ان کي کائڻ، انن تي لڏي گڏ آڻڻ، مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا بہ ساڻ کڻي اچڻ، مڇي جي گوشت جي ذائقي ۾ تغيّر (يعني تبديلي) نہ اچڻ[1] هي سڀ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان سيّدُنا ابو عُبيده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون برڪتون هيون. راهِ خُدا ۾ جيڪو بہ سفر ڪندو آهي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جون ان تي خوب رحمتون نازل ٿينديون آهن. مصيبتن ۾ بہ عظمتون حاصل ٿينديون آهن ۽ ڏک درد راحتن ۾ بدلجي ويندا آهن. هر مسلمان کي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي انهن عظيم قربانين مان درس حاصل ڪندي، اسلام جي خدمت

(1) شرح صحيح مسلم للقاضي عياض ج 6 ص 376

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جي لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

## دل جو مريض شفاياب ٿي ويو

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي هر فرد جو هي مدني مقصد آهي: ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جا مدني قافلا سنّتن جي تربيت جي لاءِ شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ سفر ڪندا رهندا آهن، هر مسلمان کي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ گهرجن. راهِ خدا ۾ سفر تي نڪتل مقدس افراد جي قداور مڇيءَ جي ذريعي غيبي اِمداد جي حڪايت اوهان هاڻي ملاحظ فرمائي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ به جيڪي اِخلاص سان اسلام جي خدمت جي تڙپ رکندي گهران نڪرن ٿا، اهي محروم ناهن رهندا. دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي جي بهار ملاحظ فرمايو: بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي دل جي تڪليف ٿي، ڊاڪٽر ٻُڌايو تہ توهان جي دل جون بہ ناليون بند آهن، اينجيو گرافي (Angiography) ڪرايو. علاج تي هزارين روپيا خرچ اچڻو هيو، هي ويچارا غريب گهٻرايل هئا، هڪ اسلامي ڀاءُ انهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري اتي دعا گهرڻ جي ترغيب ڏياري، اهڙيءَ ريت اهي ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جا مسافر بڻيا، واپسيءَ تي طبيعت کي بهتر محسوس ڪيائون، جڏهن ٽيسٽ ڪرايائون تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

سيئي رپورٽون درست هيون. ڊاڪٽر حيرت مان پُڇيو ته توهان جي دل جون ٻه بند ناليون کُلي چُڪيون آهن، آخر هي ڪيئن ٿيو؟ جواب ڏنائون: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ جي برڪت سان مون ڪي دل جي خطرناڪ مرض کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
دل میں گردِ دہو دڑ سے رُخ زرد ہو پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سمنڊ ڪناري تي پيل مڇي کائڻ ڪيئن؟

**سوال:** سمنڊ جن مڇين کي پاڻي مان ٻاهر اڇلائي ۽ اهي پاڻي نه هجڻ جي ڪري مري وڃن ته ڇا اهي حلال آهن؟

**جواب:** جواب ۾ دارُالافتا اهلسنت جي هڪ مفتي صاحب جي تحقيق ڪجهه لفظن جي تبديلي سان پيش آهي: جي ها اهڙيون مڇيون حلال آهن ۽ هيٺئر بيان ڪيل حديث عنبر ان جو واضح دليل آهي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام اهو مسئلو تفصيل سان فِقه جي ڪتابن ۾ تحرير فرمايو آهي. حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته محبوب ربُّ العِباد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد رحمت بنياد آهي: سمنڊ جنهن مڇي کي اڇلائي ڇڏي يا (مڇي جو ڪناري جي ويجهو پهچڻ تي) پاڻي پوئتي هٽي ويو (۽ اها مڇي خشڪي تي اچڻ سبب مري وئي) ته اهڙي مڇي کي کائو ۽ جيڪو (بنا سبب) پاڻي ۾ مري اونڌي ٿي تري اها نه کائو. (ابوداؤد ج 3 ص 502 حديث 3815)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

”**مَبسوط**“ ۾ آهي: اسان جي ويجهو مڇي جي باري ۾ اصل اِباحت آهي (يعني مباح هئڻ، ان مقام تي مباح مان مراد اهو جاندار آهي جنهن جي حلال هئڻ جي لاءِ ذبح جي حاجت ناهي ان ڪري) جيڪڏهن اها ڪنهن سبب جي ڪري مري وئي تہ حلال آهي ۽ بنا سبب جي ازخود مري وئي آهي تہ نہ کاڌي ويندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن پکي ان کي ماري ڇڏيو تڏهن بہ کاڌي ويندي جيتوڻيڪ اهو پکي ان کي کڻي پاڻي ۾ وجهي ڇڏي ۽ اها مري وڃي. ائين جيڪڏهن اها ڪنهن ڄار ۾ ڦاسي پوي، نڪري نہ سگهي ۽ مري وڃي تڏهن بہ کاڌي ويندي، جيڪڏهن ڪا اهڙي شيءِ پاڻي ۾ وجهي جنهن جي ڪائڻ سبب مڇي مري وئي ۽ خبر هجي تہ ان جي ڪائڻ سبب مئي آهي تہ کاڌي ويندي، ائين پاڻي پوئتي ٿيڻ جي ڪري هلاڪ ٿي تڏهن بہ کاڌي ويندي، اهڙي طرح پاڻي جي لهر ان کي ٻاهر اڇلايو ۽ اها مري وئي تڏهن بہ کاڌي ويندي. (المبسوط للسرخسي ج 11 ص 277)

## ڇا زمين مڇي جي پٺي تي آهي؟

**سوال:** ڇيو وڃي ٿو تہ زمين هڪ تمام وڏي مڇي جي پٺي تي آهي ۽ جبلن جي وجود جو سبب بہ اها مڇي ٿي هئي!

**جواب:** جي ها! ان جي باري ۾ روايتون موجود آهن، فتاويٰ رضويہ جلد 27 صفحي 95 تي هڪ حديث پاڪ جو ترجمو ڪجهہ ائين آهي: حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ مخلوق مان سڀ کان پهريان قلم پيدا ڪيو، ان کي فرمايو: لکو! ان عرض ڪيو: ڇا لکان؟ ارشاد ٿيو: قدر (يعني تقدير) لکو، ان قلم اهو سڀ

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

ڪجھ لکي ڇڏيو جيڪو قيامت تائين ٿيڻ وارو هو، پوءِ ان ڪتاب کي ويڙهيو ويو ۽ قلم ڪنيو ويو، عرش الٰهي پاڻي تي هو، پاڻي جا بخارات مٿي اٿيا، ان مان الڳ الڳ آسمان بڻايا ويا، پوءِ موليٰ عَزَّوَجَلَّ مڇي پيدا ڪئي، ان تي زمين وڇائي، زمين مڇي جي پٺ تي آهي. مڇي تڙپي تہ زمين لڏڻ لڳي پوءِ ان تي جبل پيدا ڪري ساڪت ڪئي وئي. (تفسير درمنثور ج 8 ص 240)

## سڀ کان پهريان نُور مُصطفيٰ پيدا ٿيو يا قلم؟

**سوال:** بيان ڪيل روايت ۾ سڀ کان پهريان قلم جي پيدائش جو تذڪرو آهي جڏهن تہ اها روايت پڻ آهي تہ سڀ کان پهريان نور مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدا ڪيو ويو آهي، بنهي ۾ تطبيق (موافقت) ڪيئن ٿيندي؟

**جواب:** صحيح حديث ۾ آهي تہ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ سڀني شين کان پهريان منهنجي نور کي پيدا ڪيو، ان وقت نہ لوح هو نہ قلم، نہ جنت، نہ دوزخ، نہ فرشتا هئا، نہ آسمان، نہ زمين، نہ سج، نہ چنڊ نہ جن، نہ انسان هئا، پوءِ جڏهن ربّ عَزَّوَجَلَّ ٻي مخلوق کي پيدا ڪرڻ چاهيو تہ ان نور جا چار حصا ڪيا، هڪ حصي مان قلم، ٻئي مان لوح محفوظ، ٽئي مان عرش وغيره پيدا ڪيو. (المواهب ج 1 ص 36، ڪشف الخفاء ج 1 ص 237 مدارج النبوة ج 2 ص 2 ملخصاً) جن روايتن جي باري ۾ اَوّليّت جو حڪم آيو آهي ان شين جو نور محمّدي کان بعد ۾ هجڻ حديث مان ثابت آهي. مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

حديث پاڪ جي ان حصي ”ربّ جيڪا شيءِ پهريان پيدا ڪئي اهو قلم هو“ جي تحت فرمائن ٿا: اها اَوّليت اضافي آهي يعني عرش پاڻي، هوا ۽ لوح محفوظ جي پيدائش کان پوءِ جيڪا شيءِ پيدا ٿي اهو قلم آهي. ”مِرقاة“ ۾ انهيءَ جڳهه آهي ته سڀ کان پهريان نور محمّدي پيدا ٿيو، اتي اوليّت حقيقي مراد آهي. (مراة المناجيح ج 1 ص 103)

امام قسطلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا: قلم جي اَوّليت نور محمّدي پاڻي ۽ عرش کان علاوه (مخلوقات) جي نسبت سان آهي. اهو به چيو ويو آهي ته هر هڪ جي اَوّليت ان جي جنس (يعني قسم) جي اعتبار سان آهي يعني انوار ۾ سڀ کان پهريان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ منهنجي نور (نور محمّدي) کي پيدا ڪيو، اهڙي طرح ٻيون شيون پڻ پيدا ٿيڻ جي لحاظ کان پنهنجي پنهنجي جنس ۾ پهريون آهن. (المواهب ج 1 ص 38)

## قلم جي باري ۾ وضاحت

**سوال:** اوهان جي جواب ۾ بيان ڪيل روايت ۾ قلم جو ذڪر آهي قلم جي باري ۾ وضاحت فرمايو؟

**جواب:** جواب ۾ دارُالافتا اهلسنت جي هڪ مفتي صاحب جي تحقيق ڪجهه لفظن جي تبديلي سان پيش آهي: قرآن ڪريم جي سيپاري 29 **سورة القلم** جي ابتدائي آيت: نٓ وَ الْقَلَمِ وَ مَا یَسْطُرُوْنَ ۙ﴿۱﴾ جي تحت ”تفسير خزائن العِرفان“ ۾ آهي: **اللّٰه تعاليٰ** قلم جو قسم ڪنيو آهي ان قلم مان مراد يا ته لکڻ وارن جا قلم آهن جنهن سان ديني دنيوي فائدا لاڳاپيل آهن، يا قلم اعليٰ مراد آهي جيڪو نوري قلم آهي ۽ ان جي ڊيگهه زمين و آسمان جي برابر آهي، ان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

سان لوح محفوظ تي قيامت تائين ٿيڻ وارا سڀ ڪم لکي ڇڏيا آهن. (خزائن العرفان ص 1044)

حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان مِراٰة شرح مشڪوٰة ۾ فرمائن ٿا: قلم لوح محفوظ تي بحڪم الٰهي ازل کان ابد تائين جا واقعا، ذرو ذرو قطرو قطرو لکي ڇڏيو آهي، خيال رهي ته اها تحرير ان ڪري نه هئي جو ربّ عَزَّوَجَلَّ کي وسري وڃڻ جو خطرو هو بلڪ ان جو مقصد ملائڪن ۽ ڪن محبوب ٻانهن کي ان تي خبروار ڪرڻو هو. (مرقاة ج 1 ص 257) وڌيڪ فرمائن ٿا: پاڻي زمين و آسمان کان پهريان پيدا ٿيو، عرش جو پاڻي تي هئڻ مان مطلب آهي ته ان ٻنهي جي وچ ۾ آڙ نه هئي نه اهو جو پاڻي تي رکيل هو نه ته عرش تمام اجسام کان تمام وڏو آهي. (اشعة ج 1 ص 95، مراة المناجيح ج 1 ص 90، 91)

## جنّت ۾ سڀ کان پهرين غذا

**سوال:** جنّت ۾ سڀ کان پهرين غذا ڪهڙي هوندي؟

**جواب:** بخاري شريف ۾ آيل هڪ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حصو آهي: جنّت ۾ پهريون کاڌو جيڪو جنتي کائيندا اهو مڇي جي ڪليجي جو ڪنارو آهي. (بخاري ج 2 ص 605 حديث 3938) حضرت علامہ ملّا علي قاري عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْبَارِی هن حديث جي تحت لکن ٿا: ڪن فرمايو هي مڇي اها آهي جنهن تي زمين آهي، ان جي ڪليجي جو مزيدار حصو ڪارايو ويندو جيڪو سڀ کان لذيذ هوندو آهي.

(مرقاة ج 10 ص 189 تحت الحديث 5870)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنھن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙھيو قيامت جي ڏينھن ان کي منھنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

## مڇي ڳالهائي نٿي سگهي ان جي عجيب و غريب حڪمت

**سوال:** سيئي جانور ڳالهائيندا آهن پر مڇي ناهي ڳالهائيندي ان جي حڪمت ڇا آهي؟

**جواب:** ان جي حڪمت ربُّ العزت ئي ڄاڻي ٿو، "**مڪاشفة القلوب**" ۾ ان جي اها عجيب و غريب حڪمت لکيل آهي: **الله** تعاليٰ سيني جانورن کي زبان سان نوازيو آهي پر مڇي کي محروم ڪيو ويو آهي ان جو سبب اهو آهي تہ سيدنا آدم صفي **الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ سبب جڏهن شيطان لعين جي شڪل بگاڙي زمين تي اڇلايو ويو تہ ان سمنڊ جو رخ ڪيو ان کي سڀ کان پهريان مڇي نظر آئي، شيطان آدم صفيُّ **الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پيدائش جو واقعو ٻڌائيندي اهو بہ چيو تہ اهي خشڪي ۽ پاڻي جي جانورن جو شڪار ڪندا، مڇي سيني دريائي جانورن ۾ اها ڳالهہ ڦهلائي ڇڏي ان ڪري ان کي ڳالهائڻ جي صلاحيّت کان محروم ڪيو ويو. (مڪاشفة القلوب ص 71)

## مڇي جا طِبّي فائدا

### کھڙي مڇي وڌيڪ فائدمند آهي؟

**سوال:** ڪهڙي مڇي عمده هوندي آهي؟ مڇي جا ڪجهہ طبّي فائدا پڻ ٻڌايو؟

**جواب:** علّامہ دَمِيري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: سڀ کان عمده مڇي سمنڊ جي اها ننڍي مڇي هوندي آهي جنهن جي پٺي تي نقش هوندا آهن، ان جي کائڻ سان بدن ۾ تازگي پيدا ٿيندي آهي. مڇي کائڻ سان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

عام طور اڄ گهٽي لڳندي آهي بلغم ۾ اضافو ٿيندو آهي، گرم مزاج وارن ۽ نوجوانن جي لاءِ مڇي کائڻ مفيد آهي، جيڪڏهن شرابي مڇي سونگهي ته ان جو نشو لهي ويندو ۽ اهو هوش ۾ اچي ويندو. حڪيم ابن سينا جو قول آهي: جيڪڏهن مڇي ماکي سان گڏ کاڌي وڃي ته نُزُولُ الماء (موتيا بند يعني اک ۾ پاڻي لهڻ جو مرض جنهن سان بينائي ختم ٿي ويندي آهي) جي مرض لاءِ فائديمند آهي ۽ ان سان نظر به تيز ٿيندي آهي. (حياة الحيوان ج 2 ص 43، 44) هڪ طبي تحقيق مطابق سردي سبب ٿيڻ واري ڪنگهه لاءِ مڇي کان بهتر ڪو علاج ناهي.

## ڇا مڇي نه کائڻ مضر صحت آهي؟

**سوال:** مڇي بلڪل نه کائڻ صحت جي لاء نقصانڪار ته ناهي؟

**جواب:** خير يقيني طور ته ڪجهه نٿو چئي سگهجي، البت ماهرن جي تاثرات مطابق مڇي انساني صحت جي لاءِ نهايت اهم غذا آهي، ان ۾ ڪي اهڙا اجزاء ٿيندا آهن جيڪي ڪنهن بي گوشت ۾ نه هوندا آهن، مثال طور ان ۾ آيوڊين (Iodine) هوندو آهي جيڪو صحت جي لاءِ نهايت اهميت جوڳو آهي ان جي ڪمي سان جسم جي غدودي نظام جو توازن خراب ٿي سگهي ٿو، گلي جي اهم غدود ٿائيرائيڊ (Thyroid) ۾ خامي پيدا ٿي ته جسماني نظام ۾ ڪيئي خرابيون پيدا ٿي سگهن ٿيون، اهي ملڪ جتي سامونڊي غذا جو استعمال گهٽ هوندو آهي اتي جا واسي عام طور انهن بيمارين جا شڪار رهندا آهن، مڇي ڪي بطور غذا استعمال ڪرڻ وارن جون عمرون وڏيون ٿينديون آهن، ايستائين جو اهي مريض به ان جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

فائدن مان محروم ناهن رهندا جيڪي آخري درجي تائين دل جي بيمارين ۾ مبتلا هوندا آهن.

## هفتي ۾ ٻه ڀيرا مڇي کائڻ گهرجي

**سوال:** مڇي روزانو کائجي يا ڪڏهن ڪڏهن؟

**جواب:** اوهان جي صوابديد تي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته هفتي ۾ گهٽ مان گهٽ ٻه ڀيرا ته ضرور مڇي کائڻ گهرجي، ان طرح دل جي بيمارين کان تحفظ حاصل ٿيندو آهي. هڪ اطلاع جي مطابق ”ويلز“ ۾ اٽڪل ٻن هزار مريضن تي تجربو ڪيو ويو جن تي پهريون ڀيرو هارٽ اٽيڪ (Heart Attack) ٿيو هو ان مان جن کي هفتي ۾ ٻه ڀيرا مڇي کائڻ جو مشورو ڏنو ويو ان تي آئنده ٻن سالن تائين دل جي مرض جو ڪو حملو نه ٿيو، جڏهن ته انهن مريضن مان جن کي مڇي کائڻ جو نه چيو هو انهن کي ٻن سالن اندر دل جي بيماري ۾ ٻيهر مبتلا ٿيندي ڏنو ويو. هڪ آمريڪي طبّي رسالي ۾ شايع ٿيڻ واري رپورٽ جي مطابق غذا ۾ مڇي جو گهڻو استعمال مثاني جي ڪينسر جي واڌويجهه گهٽ ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو، طبي ماهرن جي مطابق مڇي جو باقاعده استعمال مثاني جي ڪينسر کي وڌڻ کان 50 فيصد تائين روڪي سگهي ٿو جنهن جي ڪري ان مرض سان ٿيڻ واري موت ۾ به گهٽتائي ٿي سگهي.

**سوال:** مڇي کائڻ کان پوءِ کير پيئڻ کپئن؟

**جواب:** حڪيمن جي مطابق مڇي کائڻ کان پوءِ کير پيئڻ سان سفيد داغ ٿيڻ جو انديشو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

# مڇي جي تيل جا فائدا

**سوال:** ڇا مڇي جو تيل ٻه هوندو آهي؟ جيڪڏهن هوندو آهي ته ان جا فائدا پڻ ٻڌايو؟

**جواب:** مڇي جو تيل دراصل ان جي جگر جو تيل هوندو آهي ان کي (Cod liver oil) چوندا آهن ان جو هڪ چمچ پيئڻ وائي سور (يعني سنڌن جي سور) جي لاءِ مفيد آهي. هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي جهڙي طرح مڇي کائڻ مفيد آهي اهڙي طرح مڇي جو تيل ٻه جيڪڏهن وڏيڪ عرصي تائين استعمال ڪيو وڃي ته فائديمند آهي. ان جي استعمال سان رت جي نالين ۾ پيدا ٿيڻ واريون ابتدائي رڪاوٽون جن سان شريانن (يعني دل جي ننڍين رڳن) جي سختي جي ڪري دل جي بيمارين جو انديشو هوندو آهي، کان تحفظ ملي ويندو آهي. دل جي بيمارين جو هڪ سبب رت ۾ ڪوليسٽرول (chlolesterol) جو اضافو ٻه آهي ڪوليسٽرول رت جي نالين جا رستا يا ته تنگ ڪندو آهي يا بلڪل ئي بند ڪري ڇڏيندو آهي ان سان دل جي حرڪت بند ٿي موت واقع ٿي سگهي ٿو. مڇي جو تيل رت جي رڳن جي ديوارن کي ڪڏن ۾ رڪاوٽن کان بچائيندو آهي ڇوته انهن جڳهن تي ڪوليسٽرول ڄمندو آهي ۽ رت جي دوري جي لاءِ رڪاوٽ بڻجندو آهي. (اها ڳالھ هميشه ياد رکڻ جوڳي آهي جو ٻڌل ۽ ڪتابن ۾ لکيل علاج، معالجو پنهنجي ڊاڪٽر جي مشوري کان پوءِ ڪرڻ گهرجي ڇوته هر هڪ جي طبعي ڪيفيت هڪ جهڙي ناهي هوندي، ڪيئي ڀيرا ائين ٻه ٿيندو آهي جو هڪ شيءِ ڪنهن جي لاءِ مفيد ته ڪنهن جي لاءِ

نقصانڪار ثابت ٿيندي آهي)

## مڇي جي منڊي جا فائدا

**سوال:** ڇا مڇي جي منڊي کائڻ جا فائدا آهن؟

**جواب:** ڇو نہ اها بہ الله ربّ العِزّتعَزَّوَجَلَّ جي عنايت ڪيل نهايت لذت واري نعمت آهي، مڇي جي منڊي مان عام طور اڪيون ڪڍي اڇلايون ويندئون آهن، حالانڪ وڏي مڇي جي اکين هيٺان چربي نهايت لذيذ هوندي آهي، مڇي جي منڊي يا يخني جنهن کي شوربو يا سوپ (Soup) بہ چوندا آهن، نظر جي ڪمزوري ۽ ٻين ڪيئي بيمارين جي لاءِ فائديمند آهي. باقاعدگي سان اها يخني پيئڻ سان چشمو پائڻ جي عادت بہ ختم ٿي سگهي ٿي.

## مڇي جي منڊي مان يخني بڻائڻ جو طريقو

**سوال:** مڇي جي منڊي جي يخني ناهڻ جو طريقو بيان ڪريو؟

**جواب:** يخني بنائڻ جو طريقو نهايت آسان آهي. مڇي جي منڊي جا ٽڪر ڪري بہ ٽي ڪلاڪ پاڻي ۾ پسائي رکو ان ڪان پوءِ ڏوئي، ٻي پاڻي ۾ مرچ مسالا وجهي ۽ ضرورت مطابق لوڻ وجهي سوپ بڻايو، هر ٽن ڏينهن ڪان صبح ناشتي ڪان پهريان هڪ پيالي نيم گرم پيئڻ اکين جي لاءِ نهايت مفيد آهي. چون ٿا تہ هڪ ماڻهو صرف ٽي پياليون پيتيون تہ چشمو لڳائڻ جي عادت ختم ٿي وئي! پر ضروري ناهي هر هڪ جي چشمي جي عادت ان طرح جلد ختم ٿئي، الله ربُّ العزّتعَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪان اميد رکي استقامت سان پيئڻ گهرجي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# مڇي جي منڍي جي يخني ڪيئي بيمارين لاءِ مفيد آهي

**سوال:** مڇي جي منڍي جي يخني ڪهڙين بيمارين جي لاءِ فائديمند آهي؟

**جواب:** مڇي جي منڍي جي يخني (سوپ) فالج، لقوي، عِرقُ النّسا (يعني رڳ جو سور جيڪو چڏن کان وٺي پيرن جي پيڏين تائين ٿيندو آهي) اعصابي ڪمزوري، مشڪن جي ڪمزوري، قبل از وقت پوڙهائپ، سنڌن جو پراڻو سور، جسماني ۽ اعصابي چڪ ۽ قوت حافظي جي لاءِ نهايت مفيد آهي. اهڙا ماڻهو جن جي ياداشت بلڪل ختم ٿي وئي هجي يا جنهن جي ياداشت ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي چاهي جوان هجن يا پوڙها اهو سوپ ضرور استعمال ڪن. جيڪڏهن گرمي جي موسم ۾ ناموافق محسوس ڪن تہ سياري ۾ استعمال ڪن، جيڪڏهن اوهان کي بيان ڪيل انهن بيمارين مان ڪا بيماري ناهي تڏهن بہ جيڪڏهن ڪجهہ عرصو مڇي جي منڍي جو سوپ استعمال ڪندؤ تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بيمارين کان تحفظ حاصل ٿيندو.

# مڇي ۽ قوتِ حافظ

**سوال:** ڇا مڇي جو استعمال قوّت حافظ لاءِ اثرائتو آهي؟

**جواب:** جي ها خاص ڪري مڇي جو تيل ۽ فروٽ جو استعمال قوت حافظ لاءِ مفيد آهي. ماهرن جي تحقيق جي مطابق فروٽ، سبزين ۽ مڇي ۾ وٽامن سي ۽ فليوونائيڊز (Flavonoids) هوندا آهن جيڪي جسم کي سوزش ٿيڻ ناهن ڏيندا ۽ انهن ۾ موجود "اوميگا ٿري"

دماغ جي ٻاهرين تہ کي سوزش کان بچائيندا آهن جنهن جي ڪري ياداشت بہ متاثر ناهي ٿيندي. ماهرن جي مطابق 65 سال کان وڏي عمر جي 8085 مرد ۽ خواتين کي انهن جي کائڻ پيئڻ جي شين، طرز زندگي، ياداشت، غذائن ۽ صحت جي باري ۾ سوال نامہ ڏئي 4 سالن تائين انهن جي تحقيق ڪئي جنهن دوران پتو پيو تہ فروٽ سبزيون ۽ مڇي جو تيل وڏيڪ استعمال ڪرڻ وارن جي ياداشت ٻين کان بهتر ٿي آهي. هڪ طبيب جو چوڻ آهي: هِند جي رياست ”ڪيرالہ“ جي هڪ شخص ٻاهرين ملڪ ۾ مون کي ٻڌايو تہ ڪيرالہ جا ماڻهو رياضي (جنهن ۾ حساب، الجبرا ۽ جيوميٽري وغيره شامل آهي) سائنس ۽ دنيا جي ٻين مشڪل علوم ۾ ڪافي باڪمال هوندا آهن، مون ان ڪمال جي وجھ پڇا ڪئي تہ چوڻ لڳا: مڇي ۽ مڇي جي منڊي جو استعمال.

## ڪيڪڙو حلال آهي يا حرام؟

**سوال:** ڪيڪڙو حلال آهي يا حرام؟

**جواب:** حرام آهي. مڇي کان سواءِ درياھ جو هر جانور کائڻ حرام آهي. مَلِكُ العُلماء امام علاءُ الدين ابوبڪر بن مسعود ڪاساني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورَانِي ان باري ۾ فرمائن ٿا تہ الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ ترجموڪنزالايمان: ۽ پليت شيون انهن تي حرام ڪندو. (پ 9: الاعراف 157)

۽ ڏيڏر، ڪيڪڙو ۽ نانگ وغيره گندين شين مان آهي. (بدائع الصنائع ج 4 ص 144) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مجدد دين و

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: سَرطان (يعني ڪيڪڙو) کائڻ حرام آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 208)

## جهينگو کائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جهينگو کائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جهينگو مڇي آهي يا نہ! ان باري ۾ عالمن جو اختلاف آهي انهيءَ ڪري ان جي حِلّت و حُرمت (يعني حلال ۽ حرام هئڻ) ۾ بہ اختلاف آهي جنهن وٽ جهينگو مڇي جي قسم مان ان جي ويجهو حلال آهي ۽ جنهن جي ويجهو مڇي جي قسمن مان ناهي ان وٽ حرام آهي. منهنجي **آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت،** مجدد دين و ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي تحقيق آهي تہ جهينگو مڇي جو هڪ قسم آهي، فرمائن ٿا: اسان جي حنفي مذهب ۾ مڇي کان علاوه سيئي دريائي جانور مطلقًا حرام آهن تہ جن (محققن) جي خيال ۾ جهينگو مڇي جي قسم مان ناهي انهن جي ويجهو حرام هئڻ گهرجي پر فقير (يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) ڪُتب لغت، ڪُتب طِب ۽ ڪُتب علم حيوان ۾ بالاتفاق صراحت ڏٺي تہ اهو مڇي آهي. جهينگي جي مڇي هئڻ جي باري ۾ ڪيئي جزئيات نقل ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ فرمايائون: بهرحال اهڙو شبهو ۽ اختلاف (جهينگي ۾ آهي ان ڪري ان جي کائڻ) کان بنا ضرورت بچڻ گهرجي.

(فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 336 کان 339)

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ، علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهارشريعت جلد 3 صفحي 325 تي فرمائن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ٿا: جهينگي جي باري ۾ اختلاف آهي اهو مڇي آهي يا نه ان ڪري ان جي حِلّت و حُرمت (يعني حلال ۽ حرام هئڻ) ۾ به اختلاف آهي ظاهري صورت ان جي مڇي جهڙي ناهي لڳندي بلڪ هڪ قسم جو ڪيڙو لڳي ٿو ان ڪري ان کان بچڻ گهرجي.

## اعليٰ حضرت ڪڏهن به جهينگو نه کاڌو

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ هن فقير ۽ ان جي گهر وارن سڄي عمر (جهينگو) نه کاڌو ۽ نه ان کي کائيندا. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 339) مفتي اعظم پاڪستان حضرت علامه مولانا وقار الدّين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ المبين جي بارگاهه ۾ سگِ مدينه عُفِيَ عَنه حاضر هو، ڳالهه نڪرڻ تي مفتي صاحب فرمايو: مان جهينگو کائيندو ناهيان، هڪ ڀيري گهر ۾ پچايا ويا مون انهن کي چيو: جهينگي جي ٻوڙ مان هڪ چمچ به منهنجي ٻوڙ ۾ نه وجهجو.

## جهينگو کائڻ سان ڪوليسٽرول ۾ اضافو ٿيندو آهي

جهينگو جيڪڏهن کاڌو آهي ته ان جي کل لاهي ان کي مٿان کان هيٺ تائين سني طرح چيري ڪاري ڏور جهڙي آلائش ڪڍي وٺو جهينگا وڏيڪ نه کائجن ڇوته ان ۾ ڪوليسٽرول جو مقدار وڏيڪ هوندو آهي.

## جهينگو بنا صاف ڪري کائڻ

**سوال:** ڇا ڪاري ڏور ڪڍڻ بغير جهينگو کائڻ گناهه آهي؟

**جواب:** گناهه ته ناهي البت بهتر اهو آهي ته ڪاري ڏوري ڪڍي وڃي فتاويٰ رضويه شريف ۾ جهينگي جي حلال هئڻ جو بحث ڪندي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مجدد دين و ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمايو: ”انوار الاسرار“ ۾ آهي: روبيان (يعني جهينگو) تمام ننڍي ڳاڙهي رنگ جي مڇي ٿيندي آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اڳتي لکن ٿا: ”مِعراج الدِراية“ ۾ صاف فرمايو تہ اهڙيون ننڍيون مڇيون جن جو پيٽ ناهي چيريو ويندو ۽ آلائش ڪڍڻ کان سواءِ پچي کائيندا آهن، امام شافعي جي علاوه سڀني امامن جي نزديڪ حلال آهن. (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 338)

## ننڍيون مڇيون بغير آلائش ڪڍڻ جي کائڻ

**سوال:** تمام ننڍيون مڇيون جن جي پيٽ جي آلائش ڪڍڻ دشوار هوندي آهي بنا صاف ڪرڻ جي کائڻ ڪيئن آهن؟

**جواب:** جائز آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهارشريعت جلد 3 صفحي 325 تي آهي: ننڍيون مڇيون بنا پيٽ چيرڻ جي پچي کائڻ حلال آهن.

## مڇي جي ذبح نہ ڪرڻ جي حڪمت

**سوال:** مڇي بنا ذبح کاڌي ويندي آهي ان جي حڪمت ڇا آهي؟

**جواب:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: مڇي ۾ مڪڙ ۾ رت هوندو ئي ناهي جو ان جي اِخراج (يعني خارج ڪرڻ) جي حاجت ٿئي، غير دموي (يعني جنهن ۾ رت نہ هجي) جانورن ۾ اسان وٽ صرف اهي ئي بہ حلال آهن ان ڪري صرف اهي ئي بنا ذبح ڪرڻ جي کاڌا ويندا آهن، شافعيہ وغيرهم جي

نزديڪ ٻيا دريائي جانور به ڪل يا ڪي حلال آهن اهي انهن کي بنا ذبح جي جائز سمجهندا آهن ڇوته درياهه جي ڪنهن به جانور ۾ رت ناهي هوندو. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 335)

## مڇي جو رت پاڪ آهي يا ناپاڪ؟

**سوال:** مڇي جو رت پاڪ آهي يا ناپاڪ؟

**جواب:** پاڪ ۽ ناپاڪ جو مسئلو ان وقت ٿيندو جڏهن ته مڇي ۾ رت به هجي، مڇي ۾ رت هوندو ئي ناهي! سياهي مائل ڳاڙهو جيڪو مواد نڪرندو آهي اهو رت ناهي هوندو.

## مڇي جو هر جز پاڪ آهي

**سوال:** مڇي جون ڪهڙيون شيون ناپاڪ هونديون آهن؟

**جواب:** مڇي ۾ ڪابه شيءِ ناپاڪ ناهي هوندي.

## سڪل مڇي کائڻ ڪيئن؟

**سوال:** سڪل مڇي حلال آهي يا حرام؟

**جواب:** حلال آهي البت ان ۾ بدبو هوندي آهي، بدبو ڪهڙي قسم جي آهي عارضي (Temparory) يا دائمي (Long Lasting) ؟ انهيءَ تي ان جي منع هئڻ نه هئڻ جو دارومدار آهي. ياد رهي ته جنهن ماڻهو جي وات مان بدبو ايندي هجي ان کي مسجد ۾ وڃڻ حرام ۽ جماعت ۾ شامل ٿيڻ منع آهي.

## پاروٽي مڇي کائڻ ڪيئن؟

**سوال:** پاروٽي مڇي کائڻ ڪيئن آهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

**جواب:** جيڪڏهن اجا خراب ناهي ٿي تہ کائڻ ۾ حرج ناهي، البت خراب ٿيل مڇي يا گوشت نٿا کائي سگهو. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1332 صفحن تي مشتمل ڪتاب فيضان سنّت جلد 1 صفحي 318 تي آهي: گوشت خراب ٿي ويو تہ ان جو کائڻ حرام آهي، اهڙي طرح جيڪو کاڌو خراب ٿي ويندو آهي، اهو بہ نٿو کائي سگهجي. خراب ٿي وڃڻ جي نشاني هيءَ آهي تہ ان ۾ سينور، بدبوءِ يا کٽي بوءِ پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن رس هجي تہ ان ۾ جهڳ بہ ٿي ويندي آهي، داليون، کِچڙو ۽ کٽاڻ واري ڀاڄي جلدي خراب ٿي ويندي آهي.

## تازي ۽ پاروٽي مڇي جي سڃاڻپ

**سوال:** ڇا تازي ۽ پاروٽي مڇي جي ڪا نشاني آهي؟

**جواب:** تازي مڇي رونقدار ۽ چمڪدار هوندي آهي ۽ ان جي اکين جا ڏوڏا اڀريل هوندا آهن، مڇي کي هٿ يا آڱر سان دٻائي ڏسو نرم تہ ناهي ٿي، تازه مڇي جي سڀ کان وڏي سڃاڻپ اها آهي تہ ان جون ڪليون لال رنگ جون هونديون پر ڪولي غور سان ڏسڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ مجرمانہ ذهن وارا مڇي وڪڻندڙ ڌوڪو ڏيڻ جي لاءِ اڄڪلهہ ڪلين تي ڳاڙهو رنگ يا رت لڳائيندا آهن، ڪليون ڦڪيون هجن، ڪل بي رونق ٿي وئي هجي، گوشت نرم ٿي ويو هجي، بدبو وڌيڪ ۽ اکيون دٻيل هجن تہ سمجهي وٺو تہ مڇي پاروٽي آهي.

## تفريح طور مڇي جو شڪار ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** مڇي جو شڪار ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** تفريحي طور "شڪار ڪرڻ" حرام ۽ ضرورتًا شڪار ڪرڻ جائز آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مجدّد دين و ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: شڪار ڪي صرف شوقيه، تفريحي طور هجي، جنهن کي "راند" سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري شڪار ڪرڻ چوندا آهن. بندوق سان ڪيو، چاهي مڇي جو، روزانه ڪيو، چاهي ڪڏهن ڪڏهن، مطلقًا بالاتفاق حرام آهي. حلال اهو آهي جيڪو کائڻ جي غرض يا دوا يا ڪنهن ٻئي نفع يا نقصان کي دور ڪرڻ لاءِ هجي. اڄڪلهه وڏا وڏا شڪاري جيڪي ايڏا هٺيلا آهن جو بازار مان پنهنجي خاص ضروري کائڻ يا پائڻ واريون شيون آڻڻ کي پنهنجي شان جي خلاف سمجهندا آهن يا نرم اهڙا جو ڏهه قدم اُس ۾ هلي مسجد ۾ نماز جي لاءِ حاضر ٿيڻ مصيبت سمجهن اهي ٽاڪ منجهند سخت اُس ۾ گرم ريت تي هلڻ، ترسڻ ۽ گرم هوائون برداشت ڪندا آهن ۽ اڌ ڏينهن بلڪ ٻه ٻه ڏينهن شڪار جي لاءِ گهرگهاٽ ڇڏي ٻاهر رهندا آهن! ڇا اهي کائڻ جي غرض سان ويندا آهن! هرگز نه، بلڪ اهو ئي لهو لَعِب (يعني راند روند) آهي ۽ بالاتفاق حرام آهي. هڪ وڏي سڃاڻپ اها آهي ته ان شڪارين کي چئو مثال طور مڇي بازار مان ملندي آهي خريد ڪري وٺو، هرگز نه مڃندا يا چئو اسان آڻي ڏيون ٿا ڪڏهن نه مڃيندا، بلڪ شڪار ڪان پوءِ کائڻ سان ته انهن کي غرض ناهي هوندو ورهائي ڇڏيندا آهن ته اهڙي شڪار تي وجهڻ يقيناً تفريح ۽ حرام آهي. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 341)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

صدرُالشَّريعہ بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: شڪار ڪرڻ هڪ مُباح (يعني جائز) ڪم آهي پر حرم يا اِحرام ۾ خشڪي جي جانور جو شڪار ڪرڻ حرام آهي[1] اهڙي طرح جيڪڏهن شڪار صرف لهو (يعني راند) طور هجي تہ اهو مباح (يعني جائز) ناهي. (بهار شريعت ج 3 ص 680)

## تفريح جي لاءِ ڪيل شڪار جو ڪائڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا تفريح طور شڪار ڪرڻ وارن جيڪو شڪار ڪيو ان جو ڪائڻ بہ حرام آهي؟

**جواب:** جيڪا مڇي يا حلال جانور شڪار ڪيو ان جو ڪائڻ حلال آهي صرف ان جو تفريح طور شڪار ڪرڻ فعل حرام آهي، ان فعل کان سچي توبہ ڪرڻ واجب آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مجدّد دين و ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: رهي شڪار ڪيل مڇي ان جو ڪائڻ هر طرح سان حلال آهي جيتوڻيڪ شڪار ان (گذريل جواب ۾ بيان ٿيل) ناجائز صورتن سان ٿيو. (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 343)

## مڇي جي شڪار جا دردناڪ منظر

باب المدينہ (ڪراچي) ۾ سمنڊ جي ڪناري (نيٽي جيٽي) تي موڪل جي ڏينهن مڇي جي شڪار جا نهايت دردناڪ منظر هوندا آهن، ڪافي ماڻهو ڏور ۽ ڪُنڊيا ڪٽي سڄو ڏينهن شڪار ڪندا آهن،

---

(1) محرم يعني احرام واري لاءِ ضرورتًا مڇي جو شڪار ڪرڻ جائز آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

زنده ڪيچوي جا ٽڪڙا ٽڪر ڪُنڍي ۾ وجهي يا جهينگن جهڙو دريائي ڪيڙو ڪنڍي ۾ زنده ڦاسائي ناجائز فعل جا مرتڪب ٿيندا آهن اتي هڪ مخصوص قسم جي مڇي هوندي آهي جيڪڏهن اها ڪنڍي ۾ ڦاسي پوي ته ويچاري کي زنده ئي بري طرح سان چيري وجهندا آهن ۽ جهالت جي ڪري ان کي حرام مڇي سمجهندا آهن، جڏهن ته هر مڇي جيان اها مڇي به حلال آهي، جيڪڏهن ڪو ڪيڪڙو ڦاسي پوي ته ويچاري جي شامت اچي ويندي آهي يا ته زمين تي اڇلائي اڇلائي ماري ڇڏيندا آهن يا ڪڏهن مين روڊ (Main Road) تي زنده اڇلائي ڇڏيندا آهن ته جيئن گاڏين جي هيٺان اچي چيڀاٽجي وڃي! اهو جانورن کي هرويرو ايذاء ڏيڻ آهي، جانورن تي رحم ڪرڻ سکو، ياد رکو! جيڪو رحم ڪندو آهي ان تي رحم ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪو رحم ناهي ڪندو ان تي رحم ناهي ڪيو ويندو. ”بخاري شريف“ ۾ حضرت سيدنا جرير بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته سيدالمرسلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مَنْ لَّا يَرْحَمُ لَا يُرْحَمُ“ يعني جيڪو رحم ناهي ڪندو ان تي رحم ناهي ڪيو ويندو. (بخاري ج 4 ص 103 حديث 6013)

حضرت سيدنا عبدالله بن عمرو رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته سيدالمبلغين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: رحم ڪرڻ واري تي رحمٰن رحم ڪندو آهي (ان ڪري اي ٻانهو!) زمين وارن تي رحم ڪريو، توهان تي اهو رحم ڪندو جنهن جي حڪومت آسمان تي آهي. (ترمذي ج 3 ص 371 حديث 1931)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

# ڇا جل پري جو وجود آهي؟

**سوال:** ”جل پري“ يا ”جل مانس“ يعني دريائي انسان جي ڇا معنيٰ آهي؟ ڇا اها خيالي مخلوق آهي يا ان جو ڪو وجود به آهي؟

**جواب:** جواب ۾ دارالافتا اهلسنت جي هڪ مفتي صاحب جي تحقيق ڪجهه لفظن جي تبديلي سان پيش آهي: ”جل پري“ يعني پاڻي جي پري ۽ جل مانس يعني دريائي انسان اهي افسانوي ڪردار آهن اڃا تائين انهن جو ڪو سائنسي ثبوت منظر عام تي ناهي آيو، البت حيوانات تي لکيل قديم ڪتابن ۾ ان طرح جي مڇين جو ذڪر ملي ٿو جن جي شڪل يا ڪي عضوا ڪنهن حد تائين انسانن سان ملندڙ جلندڙ آهن.

# ماخذ و مراجع

| ڪتاب | مطبوعه | ڪتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي | المواهب | دار الكتب العلمية بيروت |
| درمنثور | دار الفكر بيروت | مدارج النّبوة | مركز اهلسنت بركات رضا الهند |
| خزائن العرفان | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي | كشف الخفاء | دار الكتب العلمية بيروت |
| بخاري | دار الكتب العلمية بيروت | حياة الحيوان | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | المغرب | مكتبه اسامه بن زيد حلب |
| ابو داؤد | دار احياء التراث العربي بيروت | مكاشفة القلوب | دار الكتب العلمية بيروت |
| نسائي | دار الكتب العلمية بيروت | المبسوط | كوئٹه |
| ترمذي | دار الفكر بيروت | هدايه | دار احياء التراث العربي بيروت |
| مسند امام احمد | دار الفكر بيروت | بدائع الصّنائع | دار احياء التراث العربي بيروت |
| معجم كبير | دار احياء التراث العربي بيروت | درمختار و ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| شرح مسلم | دار الوفا | عالمگيري | دار الفكر بيروت |
| مرقاة | دار الفكر بيروت | فتاوٰي رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| مرأة المناجيح | ضياء القرآن پبلي ڪيشنز لاهور | بهار شريعت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچي |
| صفة الصفوة | دار الكتب العلمية بيروت | عجائب الحيوانات | فريد بک اسٽال لاهور |

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | مڇي جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون ؟ | 20 |
| چند عجيب مڇيون | 1 | مڇي جي کل کائڻ ڪيئن آهي؟ | 21 |
| رعادھ (برق مڇي) | 1 | مڇي پچائڻ جو طريقو | 21 |
| ڪلمو لکيل مڇي | 2 | سرڪار مدينہ ﷺ مڇي کاڌي | 22 |
| دير تائين زندھ رهڻ واريون مڇيون | 2 | قداور مڇي | 22 |
| زندھ جزيرو ! | 3 | هڪ اشڪال ۽ ان جواب | 24 |
| زامور | 4 | اِضطراري حالت ڇا آهي؟ | 25 |
| ويل مڇي | 4 | امين الامّة | 26 |
| منارھ | 5 | دل جو مريض شفاياب ٿي ويو | 28 |
| قوقي | 5 | سمنڊ ڪناري تي پيل مڇي کائڻ ڪيئن؟ | 29 |
| قاطوس | 6 | ڇا زمين مڇي جي پٺي تي آهي؟ | 30 |
| ڊولفن (پلهڻ) | 6 | پهريان نُور مُصطفيٰ پيدا ٿيو يا قلم؟ | 31 |
| پرن واري مڇي | 7 | قلم جي باري ۾ وضاحت | 32 |
| مِنشار | 7 | جنت ۾ سڀ کان پهرين غذا | 33 |
| ڪَوسج | 8 | مڇي ڳالهائي نٿي ان جي عجيب حڪمت | 34 |
| غافل مڇي ٿي ڄار ۾ ڦاسندي آهي | 8 | مڇي جا طِبّي فائدا | 34 |
| مدني مُنِي ۽ غافل مڇيون | 9 | ڪهڙي مڇي وڌيڪ فائديمند آهي؟ | 34 |
| غافل مڇيون کائڻ ڪيئن؟ | 10 | ڇا مڇي نہ کائڻ مضر صحت آهي؟ | 35 |
| ڪهڙا آبي جانور حلال آهن؟ | 10 | هفتي ۾ ٻہ ڀيرا مڇي کائڻ گهرجي | 36 |
| مڇي جي وصف | 10 | مڇي جي تيل جا فائدا | 37 |
| مڇي کان سواءِ هر آبي جانور حرام آهي | 11 | مڇي جي منڊي جا فائدا | 38 |
| مڇي جا هزارين قسم آهن | 12 | مڇي جي منڊي مان يخني ٺاهڻ جو طريقو | 38 |
| ساموندي عجائبات لاتعداد آهن | 12 | منڊي جي يخني بيمارين لاءِ مفيد آهي | 39 |
| مڇين جي باري ۾ اعليٰ حضرت جي تحقيق | 13 | مڇي ۽ قوتِ حافظ | 39 |
| حڪايت | 14 | ڪيڪڙو حلال آهي يا حرام؟ | 40 |
| جِريث جي باري ۾ مختلف قول | 14 | جهينگو کائڻ ڪيئن آهي؟ | 41 |
| نر ۽ مادي مڇي ۾ ڪي واضح فرق | 15 | اعليٰ حضرت ڪڏهن بہ جهينگو نہ کاڌو | 42 |
| بنا کلين واري مڇي کائڻ ڪيئن؟ | 15 | جهينگو کائڻ سان ڪوليسٽرول ۾ اضافو | 42 |
| مڇي جو ڪهڙو قسم حرام آهي؟ | 16 | جهينگو بنا صاف ڪري کائڻ | 42 |
| مڇي جي حلال هجڻ جون ٻيون صورتون | 16 | ننڍيون مڇيون بغير آلائش ڪڍڻ جي کائڻ | 43 |
| پکي جي چهنب مان مڇي ڪِري ..... | 17 | مڇي جي ذبح نہ ڪرڻ جي حڪمت | 43 |
| مڇي جي پيٽان مڇي نڪتي تہ؟ | 17 | مڇي جو رت پاڪ آهي يا ناپاڪ؟ | 44 |
| مڇي جا آنا | 18 | پاروٿي مڇي کائڻ ڪيئن؟ | 44 |
| ڪيميڪل ذريعي مڇيون مارڻ ڪيئن؟ | 18 | تازي ۽ پاروٿي مڇي جي سڃاڻپ | 45 |
| ڪيميڪل ذريعي ماريل مڇيون کائڻ ؟ | 18 | تفريح طور مڇي جو شڪار ڪرڻ ڪيئن؟ | 45 |
| بم ڌماڪي سان مڇيون مارڻ ڪيئن؟ | 19 | مڇي جي شڪار جا دردناڪ منظر | 47 |
| ڄار ۾ غير موذي جانور ڦاسي پون تہ؟ | 20 | ڇا جل پري جو وجود آهي؟ | 49 |

